تاثرات

ڊاڪٽر ارجن سڪايل



- منگهارام ملڪاڻي
- هري دلگير
- گوبند مالهي
- موهن ڪلپنا
- ڪيرت ٻاٻاڻي
- اي. جي. اُتم
- ٺاڪر چاولا

- ڪلا پرڪاش
- هريڪانت جيٺواڻي
- لڇمڻ پُو. ڪُڪريجا
- ديال آشا
- شري ڪانت صدف
- پاون سنگهه تلريجا
- ٽيڪچند مست

هيءُ ڪتاب

”مزو ايندو يارن کي يارن جي ويجهو
هلي ويهجي قربدارن جي ويجهو“

جناب هري دلگير صاحب جي مٺين ٻن
سٽن اڳيان عقيدت جي نذراني طور.

— ارجن سڪايل

ساٿي شاعر

موهن بيدي عاجز لاءِ

ارجن سڪايل

تاثرات

ڊاڪٽر ارجن سڪايل

(ٽيهه رپيا)

(سڪايل جي قلم مان سلور جبلي ڪتاب ٻعدي ڇپيو ٻيون ڪتاب)

TAASRAAT

(CRITICISM)

BY

DR. ARJAN SIKAYAL

Price Rs. 30-00

Publisher:
Smt- Durga D. Doodani
M.A
A 700-Hirapnri Chowk
Sindhunagar - 5
421005

Printer
Parsram Jadhwani
Vishal Bharat Press
Sidhunagar-3

دستوري واقفيت

جنم جو نالو: **ارجن ڏينارام ناٿاڻي "سڪايل"**
(اسپيشل ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ)

جنم جي تاريخ: ۵ نومبر ۱۹۱۹

جنم جو هنڌ: سنڌو جا تعلقه مورو ضلع نوابشاهه سنڌ

ورهاڱي بعد: ڇهه سال ٻڙودا، اٺ سال نظام آباد دکن ۽
۱۹۶۲ کان الهاسنگر (سنڌونگر) مهاراشٽرا

تعليم: مئٽرڪ تائين - رجسٽر ميڊيڪل پريڪٽيشنر

ڌنڌو: (سنڌ ۾) زمينداري ۽ حڪمت
(هند ۾) حڪمت ۽ زميندار ي
(هن وقت) حڪمت ۽ ايڊيٽري

شونق: پهرين اخبار جي سمپادڪي سنڌ ۾
هفتيوار "نوجوان" ٽنڊه آدم مان (۱۹۴۲)
ٻيو دفعو "سنڌو سماچار" جو چيف سب ايڊيٽر
ڪاروباري سمپادڪ "نگر نيوز" روزانـي
شاعري-پهريون شعر شڪارپور جي "سنڌو
مخزن ۾ (۱۹۴۷)
پهريون ڪتاب "ٽنڊه آدم جو اتهاس" ۱۹۴۶

عهدا: سنڌو جا ينگ مينس يونين جو سيڪريٽري
(۱۴۸-۱۹۵۴) سنڌ زميندار ائسوسئيشن جـو سيڪريٽري
هرني وليج پنچائت جو چونڊيل ميمبر
وغيره - وغيره - وغيره

نظام آباد سنڌي فارمرس ائسوسيئشن جو سيڪريٽري
۱۹۵۴-۱۹۶۲ سنڌي نگر پنچائت جو وائيس پـريزيڊنٽ
گبلاڪ سوشل ڪلب جو پريزيڊنٽ

الهاسنگر ميمبر مهاراشٽر سنڌي ساهت اڪادمي
شهيد هيمون ڪالاڻي لئبرري جو فائونڊر پريزيڊنٽ

(۱۹۶۳ کان) جيئي سنڌي سڀا جو جنرل سيڪريٽري
اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو ميمبر

پتو: اي ۷۰۰، هيراپوري، هيراپوري چونڪ، الهاسنگر-۵

مهاڳ

٢٠-٢٥ سال ٿيا جڏهن ٽيڪچند مست جي ڪتاب "رنگين پڙاڏا" جو مهاڳ لکيو هوم ۽ پوءِ ڊاڪٽر ديال آشا ٻه آيو ته ميارام ڪڪڙيجا درد ٻه آيو. ڀاون سنگهه ٽلريجا ۽ هولارام هسيجا ٻه آيا ته ٽازو ريلومل چوڌري ٻه آيو.

ڪڏهن هندواسي ۾ ته ڪڏهن نگرنيوز ۾ ته ڪڏهن سنڌو سماچار يا زندگي ۾ ڪن ڪتابن تي تاثرات ٻه پئي لکيا اٿم جيئن ٽازو موهن ڪلپنا، هريڪانت جيٺواڻي، شوڪت صدف ۽ اندرا شبنم پوناوالا جي ڪتابن تي ڪجهه لکي چڪيم.

ڪتابن پڙهڻ جو شوق ۽ انهن تي رائي ڏيڻ جو ڏانءُ ڏسڻ لاءِ اهو فائيل کڻي ويٺي پڙهيم ته انهن جي وچ ۾ هڪ خط پدم شري پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو پڻ پيو هو.

رام پنجواڻيءَ جو خط

پيارا سڪايل - شال سک ڀاڳ هجيئي. پياس پوري نه ٿئيئي. ڊاڪٽر ديال آشا جي ڪتاب "نئين روشني" جو مهاڳ وڻيو. سچو سچ ٻوليو اٿيئي نه مبالغو، نه طنز، صاف دليءَ سان ساک ڀري اٿيئي. ڌنيواد ڏيڻ جو ڏانءُ ٻه وڻيو. ان لاءِ تو ڌنيواد لهڻي. بيٺل کي ڪيرائڻ وارا ڪيترا. پر جڏهن اُٿڻ جي ڪوشش ڪندڙ کي اُٿارڻ ۾ ڪو واهر ڪري!

ٻه چميون موڪليانءِ ٿو. هڪ هٿ لاءِ ۽ ٻي قلم لاءِ. انيوي اديب آهين، پر جنهن آدر جي لائق آهين، سو تنهنجو آدر

اڍائي اکر

سمالو چڪائون ؟ نه

آلو چڪائون ؟ نه

تاثرات — فقط

مان سنڌو سماچار ۽ نگر نيوز اخبار جو سينئر سب ايڊيٽر ۽ ڪاروباري سمپادڪ ٿي رهيس، ڏهه پندرهن سال — ڪن ڪتابن تي تاثرات لکيا هئم ۽ ڪي دوست پنهنجن ڪتابن جا مهاڳ لکائڻ ايندا هئا. سندن همت افزائي ڪرڻ جو جذبو مون کان ڪجهه لکائي ويندو هو.

اهڙا ننڍا وڏا مضمون گڏ ڪري هيءُ ڪتاب تيار ڪيو اٿم - اڌ ڪن مضمون اڃا به رهجي ويا آهن.

هيءُ پنهنجن پيارن ساٿي ليکڪن لاءِ پيار جو [illegible] آهي، شل انهن لاءِ ۽ ٻين پاٺڪن لاءِ سچ پچ پيار جو پيغام ثابت ٿئي.

— ارجن سڪايل

هيراپري، سنڌونگر - ٥

٥ نومبر ١٩٩١

انهن دلدارن بانيڪارن مان شيام ٻنيجا ۽ گل شــوما ڪان سواءِ ليڇمڻ ڪڪڙيجا، دوارڪو سنتاڻــي، چندر زخمي، لتا ٺهلياڻي، ياون سنگهه، موتيرام مســڪين، گيان ديپ ۽ ڪي ٻيا چڱي سمپرڪ ۾ رهندا ايندا آهن ۽ ڪڏهن به مون کين سادو يا ئنيڙو ڪوني پاڻ کان ڌار نه ڪيو آهي. مون کين ڇاتيءَ سان لڳائي هم آغوش ڪيو آهــي جيئن ڪڏهن مونکي هرندراج دکايل يا منوهر داس ڪوڙيمل ياڪون ۾ ڪيو هو. مان انهن بزرگن جي احسانن جو قرض موٽائڻ جو اهو به هڪ طريقو ٺو سمجهان ٿو. مان ڪنهن جي به دل آزاري نه ڪريان ۽ جيترو ٿي سگهيم اوترو ٻين جـي لڪل قوتن کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ يا سندن حقي قدرشناسي ڪــرڻ لاءِ ٻه لفظ لکي ڏيان يا لکي ڇڏيان.

ڏيلي ڪاريگري اڪيو آهي

ماڻهن ۾ اُتساهه پيدا ڪرڻ واري پڙهندڙ ڳڻ کي مــان وڏي ۾ وڏي پونجي سمجهندو آهيان. منهنجو وشواس آهي ته انسان ۾ جي اُتم ۾ اُتم ڳڻ سمايل آهن، ســي قدرشناسي ۽ همٿائڻ سان ظاهر ٿي پون ٿا... انهيءَ لاءِ مان قدرشناسي ڪرڻ لاءِ تـه منتظر هوندو آهيان ۽ ڏنيواد ڏيڻ ۾ ڪنجوسائي نه ڪندو آهيان. مونکي پڻ اها ڳالهه بلڪل قبول آهي.

هن ڪتاب ۾ جتي مدگهارام ملڪاڻي، موهن ڪلپنا ۽ ڪلا پرڪاش مهارتي آهن، اتي ڪمار ٽيجواڻي ۽ هـري تنواڻــي جهڙا به آهن. ڪنهن ڪــي ٻه، ڪنهن ٻه، کهڙي ٻه ڪــا به حاصلات ٿي ته پورهيو سڄايو سمجهندس ۽ بس!

اي – ٧٠ هيراپري چونڪ (ڊاڪٽر) ارجن سڪايل
سندونگر – ٥ ٥ نومبر ١٩٩١

اڃا نہ ٿيو آهي. سمسار سوارٿي آهي، سائينءَ وٽ سرخرو آهين، من ئي من ۾ مشاهدا ماڻيا اٿيئي. هڪ شاعر لاءِ اهو انعام ڪافي آهي...

"وسيع آهي نظر ڪنهن جي نہ زور ٻي جهان آهي
اسان لئہ خار ٻي گل ۽ بيابان بوستان آهي."

رام پنجواڻي (۴-۵-۷۹)

(نئين روشنيءَ ۾ لکيل اهو مهاڳ هن ڪتاب جي صفحي ۷۵ تي پڙهي سگهجي ٿو)

ڪتاب لکڻ جو پهريو سبب

۶-۷ سال کن ٿيا تہ هتي سنڌونگر ۾ ۱۵-۲۰ نوان ليکڪ ڪلڪراڻي ڪندي کي ڪتاب ڇپائڻ لڳا. هڪ ادبي بيٺڪ سنستا جوڙيائون ۽ مون کان مهورت ڪرايائون. مون کين سنڌي ساهتيہ منڊل بمبئيءَ جو مثال ڏيئي ياد ڏياريو تہ ڪيئن اڳوڪا شهسوار اديب ان منڊل جي بيٺڪن ۾ رچي راس ٿيا. هاڻي توهان ۾ پختگي اچڻ جا آثار ڏسي خوشي ٿيندي اٿم. ٻي سال اڳ سنڌونگر جي انهن ۱۰-۱۲ نون اديبن جا سڀ ڪتاب (۱۵ کن) ڪٺا ڪري سرو شري موهن ڪلپنا هيرو شيوڪاڻي ۽ شرو راماڻي جهڙن ججن وٽ پيش ڪري ڪانئن مارڪون وٺي هڪ ڪتاب کي پهريون نمبر ٺهرائي هڪ هزار رپين جو انعام وٺارائي ڏنم. اهو مليو دوارڪي سنتاڻيءَ جي ڪتاب "وشو شانتي ڇو؟" لاءِ. مراد هيم تہ وڏا پختا ليکڪ نئين نون ليکڪن کي بہ پڙهن، سندن همت افزائي ڪن ۽ ڪين واڳون سنڀالي ڏين ڇو تہ عمر جي ڪنهن حد تي پهچڻ کان پوءِ اسين رهي رهنداسين ڪيترو؟

وشنو ڀاٽيا، مهمان سمپادڪ ڪونج - ڪيرت ٻاٻاڻي ڀرچو (٩٣)
وينا شرنگي - اڪ ڪليون اکيون (٩٧) منوهر عاجز ٻلدي - گيت
(٩٠) هوتو سنڌو ڀاسي - رت ڀنيون راهون (٩٥) لعل هندوجا
همراز (٩٤) جگديش لڇاڻي - ڪهاڻيءَ جي اوسر (١٠٠)

فهرست

اديب شاعر ۽ سندن ڪتابن جي فهرست

نفرت جا گل

هن ڪتاب جي پهرئين غزل ۾ ڏهه مصرع آهن ۽ انهن ۾ ڏي دفع لفظ "دوست" ڪم آندل آهي. اهو سلسلو پڇاڙيءَ تائين قائم آهي. يعني، هنن پنجاه غزلن ۾ پنجاه کن دفع ساڳيو لفظ "دوست" ڪم آيل آهي.

شريڪانت صدف کي جنهن دوست لئي فخر رهيو آهي، اهو دغاباز نڪتو آهي پر نه ان جي ياد کي ٿو ڀلجي ۽ نه ان کي معاف ٿو ڪري سگهي - ڏوراپن جا هي غزل ڪجهه هن قسم جا شعر ڪڍي آيا آهن:

١- اسان اي دوست! هي منظر ڏٺو آ خوابن ۾
اسان جي لاش جي ڀر ۾ اوهان جو خنجر آ

٢- مونکي اي دوست ملندو ڇا آخر
مان اگر توکي ڀانئيندو آيس

٣- هڪ گل ڏسڻ گهران ٿو مان پنهنجي اڱڻ ۾ دوست
مان ائين نٿو چوان ته هتي گلستان هجي.

٤- هو سچ "صدف" ته ڏٺڏ ۾ دوکو ڏنو اکين؟
ڪن دوستن جي هٿ ۾ مون خنجر ڏٺا هئا!

٥- ان ڏينهن بعد دوست هي تمجن ٿي ڪونه ٿا
منهنجا جڏهن تو پيار سان ڳوڙها اُگهيا هئا.

٦- پڙهيو پئي دوست عقيدت گهڻي ئي عزت سان
بدن توهان جو به ڌرمي ڪتاب وانگر هو.

٧- هي جو اچن وڃن ٿا سندم گهر ۾ يار دوست
مون سان لڳاءُ ڪونه اٿن، رکن رکاءُ آ.

٨- نفرت جا گل ئي نيڪ ها، جي سچ پڇين ته دوست!
مون کان نٿا هي پيار جا پٿر سنڀالجن.

شبنمي قطرا

جدت (تازگي ۽ نواڻ)
جذبو (غمِ-عشق ۽ غمِ-دوران)
جوش (بي باڪي ۽ نڀرتا)

مٿين ٽن خوبين جي ٽڪنڊي ۾ هڪ سٺو سهڻو فوٽو نظر اچي ٿو هڪ شاعرا جو، جيڪا ڏٺي مون ڪانه آهي پر سڃاڻانس ٿو چڱيءَ طرح. هوءَ بيشڪ سهڻي آهي جو سونهن پيئي ڦهلائي.

"ذرڙي مثال سندر، پيو ڪو جهان ڪونهي
دنيا سان پيار منهنجو اڪرين بيان ڪونهي."
"ذرڙيءَ جي دلنوازي سڀ مون لڙڪ پيارا
سکہ ڏکہ جو هڙو سندر پيو ڪو مقام ڪونهي"

پابو اندرا شبنم جو هن ذرڙيءَ سان، اهڙوڪي منش جاتيءَ سان، سچو پيار آهي ۽ اڪري پيار ڪونهي، نه ته جيڪر نفرت ذات تي انهن جي پاران لت ڪانه ڪٽي ها.

هڪڙو ڪروڌ جو مونکي پاءِ ڪونه پوندو آهي، اهو اڪثر خارجي ٿيندو آهي ۽ گهڻو ڪري سياسي اڳواڻن ۽ لڳ لاڳاپي وارن دوستن ۽ دشمنن تي ڇوهه ڇنڊ ڇاڻ سان ڇيهه ڪندو آهي ۽ اهو مونکي فئشني يا پرچاري لڳندو آهي جيئن ڪڏهن وقت مولوين پانڊتن ۽ شاهوڪارن ۽ سرمائيدارن خلاف ڪيل ڪلڪرانيءَ کي فئشني سمجهيو ويندو هو.

اندرا جي ڪاوڙ غمگين احساس جي ڪاوڙ آهي ۽ سندس جذبن جي بغاوت بڻجي پيئي آهي. اها نهايت شخصي هوندي به هرهڪ کي پنهنجي اظهار-بيان جو پورو ڏياريندي آهي. اها شاعريءَ جي بنيادي تقاضا به آهي ته خوبصورتي ۽ خوبيءَ جو آئينو به آهي.

ٻو ٻيون شعر صفحه ٢٣ تي غزل نمبر ١٣ مان آهي. جيڪو
ڪتاب جي عنوان لاءِ به ڪم آندو ويو آهي ...... ۽ سنڌي
شاعريءَ ۾ هڪ ڪهاوت ٻڻجي رهندو ... شريڪانت کي عزيز
۽ حاسد ۽ شيام جي لاءِ جيڪا عقيدت آهي، ان جو ذڪر
ڪرڻ ۾ پوري معصوميت جو پلاند پڪڙي ڪنهن به دنيا داريءَ
جو دٻاءُ قبول نٿو ڪري، جنهن ڪري سندس اهڙي صدق
کي منهنجو سلام آهي. صدف جهڙو زبان جو صاف آهي،
ان کان به گهڻو وڌيڪ دل جو صاف آهي.

هن جو آڪروش ڪروڌ ۽ سخت ڪلامي فحشي نه آهن ۽
نڪو ڪنهن گهاڙيٽي جا محتاج آهن.

زخميل دل مان نڪتل زخمي لفظ آهن جي رتورت هوندي
به اهڙا پيارا آهن جو مون انهن مان ڪيترن لفظن کي وري
وري چميو آهي يعني ڪين چپن تي ناچ ڪرايو اٿم. سنڌ ۽
سنڌي ٻوليءَ جي هن نعيڙي وارث کي ڏسي دل کي ڏڍ ٿو
ملي ته شاهه ۽ بيوس کان پوءِ شيام ۽ عزيز کان پوءِ، دلگير ۽ اياز
جهڙن کي اهڙو اولاد ڏسي خاطري ٿيندي ته سنڌي شاعريءَ
جو چراغ وسامڻ جو ڪونهي. ڪلا ۽ موتي پرڪاش کي پنهنجو
اهڙو پٽ ڏسي ۽ ارجن سڪايل کي پنهنجو اهڙو ڀاڻيجو ڏسي
ضرور فخر ٿيندو هوندو جيڪو هڪ ئي ڪتاب سان هڪ ئي
ڏاڪي اندر ائين ڇانئجي ويو آهي، جيئن ڦاڳڻي هوائون
ڪشمير جي ڦلن ۽ ڦولن تي ڇانئجي ويندڙيون آهن ۽ انهن کي
اهڙو رنگ ۽ رس بخشينديون آهن جو نه اڳيون ترپت ٿينديون
آهن ۽ نه من ئي ڀاپندو آهي - شريڪانت صدف هلندڙ دور
کان واڳون ورتيون آهن ۽ ايندڙ دور لاءِ شهسوار وانگر وڌي
رهيو آهي فتح جو جهنڊو کڻي.

منهنجون ڪيس بي شمار دعائون آهن.

مئڪسم گورڪي (شخص ۽ فنڪار)

گوبند مالهيءَ جي هن مختصر ڪتاب (۱۰۰ صفحا) جي اهميت مختصر ۽ ننڍڙي نه آهي ڇاڪاڻ ته ليکڪ پنهنجي قلم جي ڪرامت سان ننڍڙي ڪتاب ۾ به گهڻو مال ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. گورڪي، چيخوف ۽ گورڪي، ٽالسٽاءِ ۽ گورڪي، گورڪي جي مکيه رچنائن جي اوک ڊوک، گورڪي جا ڀارت سان ناتا، سنڌي ساهت ۾ هن جي اهميت ۽ ٻيا جملي ۱۱ مضمون ڏنا ويا آهن.

گانڌيجي چوي: پوري يورپ ۾ عوامي حقن جو زبردست حامي گورڪي جهڙو ٻيو ڪو نه سجهيم

خواجا احمد عباس چوي: گورڪي پهريون اعليٰ اديب هو جنهن آدرش کي عمل ۾ آندو.

گوبند مالهي چوي: گورڪي بزرگ ليکڪن کي مريادا ۽ شردا جي نظر سان ڏٺو، همعصرن سان پيار ۽ ورتاءُ ڪيو ۽ نون ليکڪن کي اتساهه ۽ سهڪار بخشيو.

(... ۽ اڄ جا ٻيا ڪي معياري سنڌي ليکڪ ۽ شاعر بزرگن کي چور ۽ همعصرن کي پٽ ۽ ۽ نون ليکڪن کي خسيس سمجهندا ۽ سڏيندا آهن.

ڪيرت چوي: ڪارل مارڪس جي يگ بدلائيندڙ انقلابي نظريي جو عملي ميدان ۾ وارث جيتوڻيڪ عظيم انقلابي لينن هو پران ويچار جو ڪلاتمڪ سطح تي باني مئڪسم گورڪي ثابت ٿيو.

نئين دنيا سمپادڪ اُتم گورڪي جي شتابدي سال (۱۹۶۸) سڄو ۾ سال گورڪي جا ليک ڪهاڻيون ۽ خط ڏيندو رهيو.

اندرا لکيو آهي:

١- تنهنجي خطن جا ٿي ويا ڌنڌلا اکر
خوشبو مگر خطن منجهان گهٽجي وئي نہ آ
(کهڙي نہ معصوم شڪايت)

"تنهنجيءَ چمڪندڙ شخصيت ۽ بلنديءَ
تي - پنهنجي جامڙي من ۽ شرير سان -
لٽن مکن گارين جا وسڪارا ڪندو
آهيان — ... — اُف، تنهنجو نُوراني
نُور پکڙجندو پيو وڃي - تنهنجا پوڄاري
۽ سائي وڌندا پيا وڃن - ۽ مان
گسندو گسندو جامڙو ٿيندو
پيو وڃان."

هيءَ ڪويتا اهڙي هر شخص لاءِ آئينو آهي، جيڪو پاڻ کي ڪِکي مان يقين شاهه ڀٽائي، اکيون آڪاس ۾ کپائي پيو هلي ۽ وڇونءَ وانگر ڏنگ هڻي، زهر هاريندو ٿو رهي پر زهر پيئندڙ سقراط وانگر امر ٿي ٿا وڃن ۽ پاڻ فقط وڇونءَ جهڙو جامڙو ۽ جيتامڙو بڻجي رهجي ٿو وڃي.

اندرا شبنم شايد زندگي وارين رچنائن سبب چڱي مقبوليت حاصل ڪري جو استري جاتيءَ جي ترجماني تہ آهي پر سندس جا چيدا شڪتي ۽ نئين پريوگ جا مظهر بہ آهن تہ نيون تشبيهون بہ آهن، پر مان سندس هن قسم جي شعرن جو پرستار آهيان:

"خلوت ۾ فخر جيان، هر بشر جو خير چاهين
شبنم! ان کي پڪڙي، هر هر پيا ٿا گهائين."

مگر شبنم! خير چاهيندڙن جو خير ئي ٿيندو ۽ گهائڻ وارا هڪ ڏينهن غصي ۾ رهندي عادت کان مجبور ٿي، پاڻ کي پاڻ ئي تير ۽ تلوار سان گهايل ڪري ڇڏيندا.

ويدن جي فيلسوفي

جهڙو منهنجو وشواس ڄڳ پرسڌ شهيد اندرا ديويءَ جي وطن پرستيءَ، انتر راشٽريت، حق پرستي، انسان پرستي، ڏاهپ قابليت سياسي چترائي، مدبري، زناني نزاڪت، آتمڪ بل ۽ وگياني سماجواد ۾ رهيو آهي، اهڙو ئي وشواس پرسپال ڪنهيالعل ٽلريجا نالي شخص جو وير نائڪ دامودر ساورڪر جي ديش ڀڳتي، دور انديشي، هندو، هندي، هندستان جي جذبي واري صداقت ۾ رهيو آهي. پوءِ ٻ اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي سدائين سنمان جي نگاهن سان ڏٺو آهي. منهنجو ٻيو آدرش ويدن جو رچيندڙ ويد وياس رهيو آهي ته ڪنهيالعل جو آدرش عقل پرستيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ويدن جي فيلسوفيءَ جي وياکيا ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ وارو مهرشي ديانند رهيو آهي.

هونءَ ته هن ودوان ۽ ساهتڪار ڪي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ٻه لکيا آهن. پر مونکي سندس انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب فلاسافي آف ويداز (PHILOSOPHY OF VEDAS) ئي قلم کڻي سندس قدرداني ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ ويدن بابت سندس اصلوڪا مضمون آهن جي ڊيمي سائيز جي ٢٨٣ صفحن جي پکيڙ ۾ پکڙيل آهن ائين ته هرهڪ مضمون مان هن جي قابليت، ڪملتا، ودوتا، شرڌا ڀري شوق ۽ پيار ڀري پورهئي جو ديدار ڪري من ئي من ۾ مون ڪيس ٣٩ دفعا پرڻام ڪيو آهي، پر مضمون نمبر ٦ (ڀڳوان ۽ ڀڳوان) نمبر ٩ (موت ڇا آهي) نمبر ١١ (ڪرامتون) نمبر ١٦ (SEX يعني علم واسنا) نمبر ٢٠ (انسان جي برادري ۽ ڀڳوان جو پتاپڻو) نمبر ٢١ (قدرت جون نعمتون ۽ سڀني يڪسان

گورڪي جا ناول "ماءُ" ۽ "ٽِلِ ساز"، ڪهاڻين جو مجموعو "ڇويهه مرد ۽ هڪ ڇوڪري"، هڪ لمبي ڪهاڻي "مالوا" سنڌي ادب جي خزاني جا جواهر بڻيا.

گانڌي، نهرو، پريمچند، هربنس راءِ بچن، خواجا احمد عباس سريپت ڊانگي، ملڪ راج آنند، هيرين مڪرجي، جهڙا مهان پارکي گورڪي جي ساراهه مان پاڻ نه ٿا.

اهڙي هڪ جڳ پرست ساهتڪار گوبند مالهيءَ پنهنجو قلم کنيو آهي ته سوني تي سهاڳو ٿيو آهي، ڇاڪاڻ جو مالهي صاحب خود سنڌي ادب جي ڪاروان جو اڳوان ٿي رهيو آهي ۽ پنهنجا خود ساهتڪ نيهارو ڪهاڻين کان سواءِ ٣٠٠ کن روشني بخش مضمون ڏيئي لازوال ڇاپ هڻي چڪو آهي. مالهيءَ جو هيءُ ڪتاب مطالع ڪندڙ خود اديب هجي يا سڄاڻ پاٺڪ هجي ته گهٽ ۾ گهٽ انسان جي عظمت ۾ هن جو پختو وشواس ٿيندو جو ئي عظيم گورڪي جي جيون جو ۽ پيغام جو نچوڙ آهي.

باقي رهي مالهيءَ جي فنائتي ڪلاڪاري ۽ سنڌي ڀاشا تي پختي دسترس، تنهن لاءِ ايترو لکيو ويو آهي جو وڌيڪ لکڻ فقط منهنجي طرفان هڪ وڌيڪ ثنا خواني لڳندي، تنهن ڪري بس.........!

★

امر گيت

گيتا ٻابت خود مون هڪ ننڍو ڪتاب "ڏهن خطن ۾ گيتا" لکيو ۽ ڇپايو آهي. جڏهن پنهنجي ڌيئرن کي گورکپور جي گيتا ۽ رامائڻ جي امتحان ۾ ويهڻ ۽ پاس ٿيڻ لائڻ چٽيءَ طرح سمجهاڻيءَ لاءِ خط لکندو هوس، تڏهن اهو ڪتاب تيار ٿي ويو ۽ ڇپائي به ڇڏيم. گيتا سان منهنجو سنڌ ست سالن کان رهيو آهي. شريمد ڀڳوت گيتا جا ٿيهارو ڪتاب سنڌ کان وٺي منهنجي نگاهن مان گذريا آهن پر ان کان سواءِ گرڀ گيتا، پانڊو گيتا، اشٽا وڪر گيتا وغيره به پنهنجي ڏاڏي جي شخصي لئبرري مان ڪٺندو هوس. سنڌي نظر ۾ ٿي سادو واسواڻي، شوڪتراءِ ڪتارڪ، لکميچند پريم، ڪوي ڀلاڄرام ۽ پرسرام ضيا جون رچنائون پڙهيون اٿم ۽ اثر ۾ هريرام پاداساڻي ۽ ديپچندر جي گيتا گرنٿن کان سواءِ هري ديوي، ٻاوا گرمکداس سنتوکداس آر. جي. لالاڻي، نانڪرام ٿڌاڻي، ٿيرٿ سپاڻي، ونوبا ڀاوي جي گيتا پروچن، گانڌي مهراج جي گيتا جو (اين. آر. ملڪاڻي) ڪيل ترجمو اناسڪتي يوگ ۽ لوڪمانيه تلڪ جي گيتا رهسيه جو (دوارڪاپرساد شرما) ترجمو به پڙهيا اٿم - سنسڪرت شلوڪن جا سڌا هندي ترجما ۽ انگريزي شلوڪن واري گيتا به پڙهيم ۽ ڪيترا شلوڪ برزباني ياد ڪيم. ڏاڏي صاحب کي ٧٠٠ ئي شلوڪ (ڌرم کيتري ڪروکيتري اڌياءُ ا شلوڪ کان وٺي ٻتر يوگيشور تائين برزبان ياد هئا پر ڪڪين کي به هڪ هڪ اڌياءُ جا سنسڪرت شلوڪ ياد آهن.

امر گيت جي ڪٿا

وڏي مان ۽ پدويءَ واري شاعر هري دلگير صاحب جي تيار ڪيل هيءَ سوغات مليم ته شرڌا (گيتا لاءِ) ۽ قرب (دلگير لاءِ)

وراهست) نمبر ٢٣ (ڌرم ۽ ستيه جي مشابهت) ٢٧ (هڪ جهڙا حق) نمبر ٣٠ (پيار امن ۽ منش جو پيغام) نمبر ٣٦ (ويدن ۾ قدرت جي سندرتا جا منظر) نمبر ٣٩ (قدرتي علاج ۽ آيورويد چڪتسا) ۾ قلم ڪار جي سوجهه ٻوجهه، ٻوليءَ جي نزاڪت، فن ۽ فڪر، پيشڪش، روشني بخش چنڊ چانڊاڻ، قلم جي قوت، اظهار جي سياوڪتا، انيو ۽ انيولي کي لفظن جي پوشاڪ پهرائڻ جو ڏانءُ تعريف جي قابل آهن.

مضمون نمبر ٤٠ ۾ (صفحو ٣٠٧ کان ٣٤٥) منش جي آچار ۽ وچار بابت ٥٠ نقطا بيان ڪيل آهن جن کي هيءُ وچارڪ ”ويدن موجب رهڻيءَ جون راهون“ ٿو ڪوٺي. واقعي، انهن نقطن ۽ اپديشن کي عملي جيون ۾ اپنايو وڃي ته سامي، واد، سماج واد، سروديه، سمپردايه، عالمگير دين ۽ وشو برادريءَ جي حق ۾ اٿندڙ ڪنهن به سيمينار ۾ خير ڪائين ڳالهه نظر ايندي... يا جيون ۾ اپنائڻ لاءِ گهربل ٿيندي.

ڪتاب جو پڪو پائي جو جلد، سهڻو ۽ رنگين رئپر، اوچو پنو، صاف سهڻي ۽ اچوڪ ڇپائي دلڪش آهن. سنڌس اکول ديپاچو ۽ شري موتيلعل ڀاٽيءَ جي قلم مان آيل سنڌس واقفيت پڻ پڙهڻ ۽ هنڊائڻ لائق آهن.

★

قبول ٿو ڪري ته ويد ڳالهه آهن. اُپنشد ڪهڙا آهن ۽ ڪيترا ان جو مطلب آهي.... ۽ اُپنشد ڇا آهن؟

اهو ساڳيو دلگير صاحب اڳتي هلي چوي ٿو ته، ڪيترا برهم وديا بابت شاستر آهي. انهن ۾ ئي آهي. اها برهم وديا ئي سانکيه شاستر آهي. يعني پنهنجو ڪجهه ڪري ئي ڪونه ٿو. سڀڪجهه پرڪرتيءَ دوارا خود بخود پيو ٿئي. اهوئي ديو سماج وارن جو وگياني ڌرم آهي، جيڪي ڌرم ۽ سائنس جي ميلاپ کي ئي قبول ڪرڻ جوڳو ٿا سمجهن. هو نه ڌرم ڪو هندو يا مسلمان يا ڪرستان ٿيڻ ۾ آهي نه ڪوڙ - ڌرم ته فرض جو پالڻ آهي، جيڪو انسان ذات لاءِ هڪ ئي ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪو فقط انسان پرستي ۽ حق پرستيءَ جي واٽ ڏسي ٿو. پوءِ ڪن به نالن سان سڏجندڙ ڌرمن مذهبن، جاتين فرقن ۽ سمپردائن کي فقط متن جو موجهارو يا ودوانن ۽ ڌرمي اڳوانن جي وياکيا من ۽ ماني سمجهائي يا پنهنجي طرفان سوڌيل سچ چئي سگهجي ٿو، جو پرپورڻ نٿو ٿي سگهي.

ڪرم ۽ ڀڳتي به صحيح نه ڏهن ٿيندي جڏهن گيان يوگ ۾ ڌيان لڳندو ۽ اهوئي نچوڙ آهي ته "مان ڪجهه ڪريان ئي ڪونه ٿو ته دک سک ۽ پاپ پن جو ڀاڱي مان ڪيئن ٿيندس؟ مان ايمان منهنجو ڪيئن ٿيندو؟ نڪا سوڀ نڪا شڪست منهنجي آهي ته مان ان قسم جي ڦل اچائي ڇو رکان؟ نه ٿو رکان ته اهوئي ڪرم ڦل جو تياڳ آهي. ته بس ان تتو گيان جي سوکم بنياد تي درڍ رهان ۽ وشواس رکان ته اهوئي گيان آهي، اهوئي سانکيه يوگ آهي، اهو ئي تتو گيان آهي. ارڙهن ادياءَ جي شلوڪ ۴۹ کان وٺي ۵٦ تائين جو تات پرج به اهوئي آهي ته سانکيه يوگ مان ئي ڀڳتي ۽ ڀڳتيءَ سان ڀڳوت پراپتي جي ڏاڍو تهيل آهي.

وچان اکين لاءِ کٽي رکيم - پڙهيم، پڙهندو رهيو آهيان ۽ پڙهندو رهندس. لکمڻچند پريم جي رچنا به موڪلي وٺي هئي. ضيا وقت وڌيڪ موزونيت ۽ پختگي هئي ته پريم جي سلاست پياري لڳي هئي پر دلگير جي شلوڪن دماغ کي طاقت ۽ دل کي فرحت ڏني آهي. باقي ٻين جا نظم جهڙا تهڙا آهن. سادو واسواڻي سهيم - معنيٰ ۽ وياڪيا ته اهن جي به گيتا سان نڀائيندڙ آهي دلگير جي ڪويتا دل ۾ چڀندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ آهي.

گيتا تتو گيان جو شاستر آهي جيتوڻيڪ دلگير مهاڳ ۾ چوي ٿو ته اهو تتو گيان جو شاستر نه آهي پر ڌرمي گرنٿ آهي. مونکي گيتا جي اهميت سانکيه يوگ جي ڪري ٿي ڇهندي آهي ۽ ڇهن ئي شاسترن (سانکيه، يوگ، نياءِ، ويشيشڪ پورو مممانسا ۽ اترمممانسا يعني ويدانت) مان سانکيه شاستر ئي آخرين جواب رهيو آهي.

”ڪرم ڪريو پر ڦل جي اڇا نه ڪريو يعني نشڪام ڪرم ڪريو. اڪرمي به نه ٿيو. ۽ جنگ ته پيارا ارجن! توکي ڪرڻي ئي پوندي ۽ ڪرڻ ئي کپي.“

اها ڳالهه چوڻ لاءِ ته ڇٽي ٿي وڃي پر ٻڌي اُن لي پڇتي رهندي؟ هٿيار خريد ڪيا ۽ هلائيا. دشمن کي داغيو ويندو پر اها اڇا ڪانه رکبي ته هو شڪست کائي ۽ منهنجي فتح ٿئي؟ اهو سيڪئين ٿئي ۽ ڇو ٿئي؟ ان لاءِ جنهن گيان جي ٻلت پلٽن ٿيل آهي سو ئي سانکيه يوگ آهي. نشڪامي ٿيڻ لاءِ ان ئي سانکيه يوگ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن وڪالت پاس لـي نه ڪئي اٿئي ته ڪورٽ ۾ اچڻ ۽ وڪالت ڪرڻ جو اڌڪار ڪيئن ٿيندين؟ ڪرم ڦل جو تياڳ ڪرڻ واري کي اهو گيان پهرين کپي. سانکيه يوگ ان ڪري مکيه ۾ مکيه ۽ منهنجي ۽ لکهن ڪري گيتا تتو گيان جو ئي نه شاستر آهي. دلگير پاڻ

ڏسي يا ٻڌي يا وٺي واس پل،
گهمي يا سمهي يا کڻي سواس پل
ڏئي يا وٺي ياڪ ٻولي پلي
اکيون پنهنجون ٻوٽي يا کولي پلي
رکي سو اها ڀاونا دم بدم
نه اندريون پيون ڪن سدا پنهنجو ڪم (اڌياءَ ٥ شلوڪ ٨ ۽ ٩)

جيڪي ڏٺو هو مون

مان هام ڪونه ٿو ڪٿان نه سنڌيءَ ۾ ڇپيل سڀ "سفر ناما" پڙهيا آهن، جيڪي ڳولهي ڳولهي پڙهندو آهيان يا جيڪي گهر ويٺي مليا اٿم. انهن مڙني سنڌي رمتي الطاف شيخ جي سفر نامي کان پوءِ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي هن "روسي سفر نامي" کي مون وڌ ۾ وڌ پيار ڪيو آهي. جن مٺڙي سنڌي زبان ۽ سنڌي ادبيا ماهتاب محبوب جي قوت - بيان ۽ سچيءَ سڪ جو قدر ڪيو هو انهن کي اُن سنڌي ادب جي خاتون - اول جي سفر نامي "اندر جنهن اُڇ" خوب مزو ڏنو هو ۽ ان کي تاج محل جو لقب ڏنو ويو هو، پر اهو اديبن جي نالن، انهن جي مهمانين ۽ دوستن جي شڪرادائن جي بار هيٺ چڱو دٻيل لڳو هوم. دائمي حيثيت ماڻڻ جي بنياد لئي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي هن اڄوڪي ڪتاب کي مون بيحد پيارو ڪري سمجهيو آهي.

ڪيرت چوي ٿو: رشيا سرڳ نه آهي، چاڪاڻ نه هڪ

آريه سماج، برهمو سماج، ديو سماج ۽ هندوستان ڌرم جي ۱۳ اُپنشدن ۽ ڇهن فيلسوفين جو مکڻ وري به وگياني سچ مان ٿي مسلندو نه پرڪرتي پنهنجو ڪم پيئي ڪري. پرش ٽون پساڻ آهين. باقي سڀ تتو آهن. جن جي ڇيدو ڇيد ڪرڻ کي ٿي سانکيه يوگ ٿو سڏجي ۽ ان گيان جي حاصلات ٿي درشٽانت به آهي نه بلندي به آهي. پهريون سبق به آهي، نه گرنٿجو اُشين با ماسٽري به آهي. تنهنڪري اناسڪتي يوگ ڀڳتي يوگ (سرو ڌرماني پرتيجيه ماهڪم شرڻم برج - ادياءُ ۱۸ شلوڪ ٦٦) کان به پوري سانکيه يوگ جو شاستر آهي ۽ آخرين گيان آهي. تنهن ڪري، گيتا تتو گيان جو ٿي شاستر آهي.

"هئين دنيا جو نوان مسئلا" وارو مضمون دلگير جهري پنج آتما ۽ انسان پرستيءَ جي سروڪار وٽان آيو آهي نه سياوڪ ٿي آهي ۽ مبارڪ آهي. منهنجو من قلم ڪار کي پرڻام آهي

هن ڪويتا جو ٿورو مزو ماڻڻ چاهيندا؟ اچو نه ڪيس ٻڌون:

اهو جيڪو ڄائو سو مرندو اوس
مري، هرڪو واپس به ورندو اوس
جو ٿيڻو ٿي آهي، سو ٿيندو اوس
اهيءَ لاءِ چنتا ڄاڻائي نه مور (ادياءُ-۲ شلوڪ ۲۷)
نه هٿيار ٿو ڪيس ماري سگهي
نه ڪا آگ ٿي ڪيس ساڙي سگهي
نه پاڻي ان کي پسائي سگهي
نه وايو ان کي سڪائي سگهي (ادياءُ ۲- شلوڪ ۳)
ڪري سنهه جو جيڪو ديدار ٿو.
سو سمجهي نه مان ڪدهن ڪريان ڪار ٿو

سنڌوءَ جي ساڃاهه

سيد غلام مرتضيٰ شاهه جي ننڍڙيءَ جان ۾ هڪ عالم، هڪ اديب، هڪ اتهاسڪار ۽ هڪ آلوچڪ چار ئي سمايل آهن جن هن بزرگ جي هٿن ڀارت ۾ ڇپايل ڪتاب ”سنڌوءَ جي ساڃاهه“ مان پڌرو آهي. ان ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو تازو شايع ڪري ڪتاب کي مڪمل ڪيو ويو آهي. هن جي ٻولي عالماڻي، سلسلي جي تاڃي ۾ پيٽي ۾ تند سان تند ڳنڍيندڙ ادبي فنڪاري تواريخ ۽ جاگرافيءَ جون باريڪبينيون، ديش ۽ سماج جي حالتن ۽ حقيقتن جي آلوچنا، کيس مٿيان چارئي لقب ڏيڻ لاءِ مجبور ٿيون ڪن.

۽ .... انهن سڀني کان وڌيڪ خود نمائيءَ جي جيوڙن کان پاڻ کي بچائڻ ۽ پنهنجو ئي نڪتہ چين بڻجي هن پنهنجي مهانتا ۽ عظمت سان گڏ پنهنجي سون ورنيءَ جو دل جو ديدار ڪرايو آهي. انهن وصفن جي ڪري، جي، مان چوان تہ هي ڪتاب بين الاقوامي شهرت وارو ٿئي ها، جي انگريزيءَ ۾ لکيو ۽ ڇپايو وڃي ها ۽ نوبل انعام جي لائق ٿئي ها، تہ ان کي منهنجي قلم جي سخايا صاحب قلم جي حق ۾ رعايت يا وڌيل ڏيهيءَ لاءِ جذباتي خوشامند سمجهڻ نہ گهرجي.

”سنڌ جي بزدل وڏيري، بي غيرت پير، بيوقوف ملي، رشوتي ۽ خود مطلب ڪامورن جي خاميءَ جو مونکي افسوس نہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ اهي سنڌين ٻرن افعالن ڪري“ توهين چوندا نہ هيءَ سچل جي للڪار نہ آهي؟)

جدا وطن جي ناليءَ ۾ هلچل هلائي وئي. شاهه لطيف، شاهه عنايت، سچل، ڪبير نانڪ دادو ڀڳت جيڪو پريم

سرڳ نه ڪلپنا آهي ۽ سپنو آهي، پر هيءَ ڌرتيءَ جو بهشت هڪ حقيقت آهي.” پرڀو سندرتا ۽ جسماني توڙي ماسڪ سک لاءِ اڄ صديءَ اندر آندل انقلاب جي انوکي سڦلتا جو هيءُ اهڙو منظر آهي جو ڏند ڪٿائن وارن جادوگرن جهڙي ڪاميابي پيشي نيڻن اڳيان نچي.

دل تپا ڏيڻ لڳي ٿي ته روءِ زمين لي جيڪڏهن اهڙو ڪو مسلڪ واقعي اوچي ڳامت ڪڙو آهي ته ملڪ ال موت سان همت ملائڻ کان اڳه هن ڪلپنڪ سرڳ جو نه پر حقيقي سرڳ جو ديدار ڪري هيڪر پنهنجن نيڻن جي پياس ۽ دل جي تمنا پوري ڪري وٺجي. مان انڪان به وڌيڪ چوڻ چاهيندس ته هن مقبول ليکڪ قلم کان وڌيڪ برش کان ڪم وٺي اهي چتر چٽيا آهن. ۽ اهڙا دلبراڻي عبارت ڪم آندي آهي جو هيءُ شبد-ميه فلم خواجا احمدعباس جي ”پرديسي“ يا وي-شانتارام جي ”ڊاڪٽر ڪوٽنس جي امر ڪهاڻي“ جهڙي پوتر پاڪ ۽ يادگار تصوير بڻجي پئي آهي. عظيم ان ڪري به هيءُ ڪتاب آهي جو ٻين سڀني رچنائن جي ڀيٽ ۾ ڪيترن هتي وڌيڪ ڪومل، نفيس، منوو گياني ۽ عاشقاڻي مزاج وارو ٿو لڳي ۽ اهڙي ڪهاڻي ٿو ٻڌائي جو ٻن دلين جي عشق محبت جي قصي کان وڌيڪ ٻن ملڪن ۽ انهن جي ماڻهن جي زندگيءَ سان وابسته. هڪ ڪٿا، هڪ ناول، هڪ دل-ڌڙڪائيندڙ قصو بڻجي پيو آهي. ڪتاب مان ڪو به ٽڪرو ڪٽي ڪو نه ٻڌائيندس، چاڪاڻ ته هر هڪ صفحو، هر هڪ لفظ پاڻ ۾ ڳوڙهو ۽ اهم ٿيو. ڏهن هزارن رپين جو انعام ته مان ڪنهن ڏيئي ڪو نه ٿو سگهان پر ڏهن لکن گلابي سلامن جي مالها قدردانيءَ جي ڏاڳي ۾ پوئي سندس گلي ۾ وجهي سگهان ٿو.

گرنٿن ۽ ڪتابن جي مطالع بعد مذهبن، قومن، تواريخن جاگرافيءَ سماجـواد ۽ اقتصادي حوالن جي هيرن جواهرن ۽ چونڊين سان سينگاريل هن ڪتاب کي هرڪو سنڌي هڪ دفعو ضرور مطالع ڪري ته سنڌ جي پنجن هزارن ورهين جو ماضي، هلندڙ حال جون حقيقتون ۽ روشن مستقبل جي عملي واٽن لي ٻنهي پاسن کان ٽنگيل شمعدان نظر ايندا، ۽ دل کي فرحت، دماغ کي قوت ۽ روح کي تسڪين ايندي. پنهنجي جنم ڀومـيءَ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ فخر جـو احساس ٿيندو ۽ خود بخود چئي ويندا : سچ ۽ ساٽيهه،

ڪنهن اٿاسيءَ وسري! حيف تني کـي هـوءِ،
وطن جن وساريو! دسي سيڻ ڪجن،
پرديسي کهڙا پرين!

ڪتاب جي ملڻ جو هنڌ :-
شري ڪيرت ٻاٻاڻي ٤١/٣ آدرش نگر، ورلي، بمبئي-١٨.

پـابـل

شري هـولارام هسيجا ادبي محفلن سان ليئهن ڏيندي، اديـب بڻجي رهيو آهي، نه بڻجي پيو آهـي. سندس ويهه پنجويهه ڪهاڻيون ۽ مضمون پڙهيا هوندم ۽ هر دفعي سندس قـلم ۾ زيـادة پختگيءَ جو احساس ٿيو اٿم. هوُ سنڌيءَ جي هـلچل ۾ اسانجو ساٿي ۽ بيست سنڌي سڀا جي سرگرمين ۾

جو پرچار ڪيو هو سو چند خود مطلب مستقل مفاد ۽ سامراجوادي مسلمان ليڊرن جي نذر ٿي ويو. اسان به ان وهڪري ۾ وهي ويا سين ۽ مون سنڌ اسيمبليءَ ۾ هندن جي رويي کان ناراض ٿي پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪرايو، ان لاءِ پرچار ڪيو ۽ هندن کي ڀوڏي ڪونيو. (هيرن جواهرن کان قيمتي پڇتاءَ جا ڳوڙها ڪي ٻيا ٿيندا آهن؟)

"ظلمن کان تنگ ٿي، محمد بن علافي ٥٠٠ ڄڻن سان گڏ راجا ڏاهر وٽ اچي پناهه ورتي، جنهن سپهه سالار حجاج جي ڌمڪي ۽ دڙڪي جي پرواهه نه ڪري اهي پناهون واپس نه ڏنيون. نتيجو اهو نڪتو جو ظالم حجاج محمد بن قاسم کي سنڌ ڏي چاڙهي موڪليو. راجا ڏاهر لڙندي مارجي ويو. سنڌين جي حملي آور محمد بن قاسم کي اسلام جو علمبردار سڏي اڄ به ناليءَ تي بندر ڪاليج، لئبريريون ۽ رستا ٺهرائي رهيا آهن. پر سنڌ جا قوم پرست محمد بن قاسم کي غاصب ظالم ۽ ڪافر سڏي مٿس لعنتون وجهي رهيا آهن.... هن سنڌ جي محافظ مهاراجا ڏاهر جي زال ۽ نياڻين سان ڏاڍائي ڪئي هئي، جنهن ڪري سندس حاڪم طرفان سزا طور هن کي قيد ڪري ماريو ويو.

راجا ڏاهر ملڪ جي لڄ لاءِ گهور جي شهيد ٿيڻ قبوليو ليڪن نه آڌامڃي نه شرط قبوليا. راجا ڏاهر سنڌ جي شهيدن ۽ محافظن جي سٽ ۾ خاص جاءِ والاري ٿو. (توهين چوندا ته اهڙي صاف گوئي ۽ اڏرتا واري زباني ڪهڙن پاڪ ۽ پوتر دل جي ڪيفيتن ۽ احساسن جو عڪس نه آهي؟)

ته .... بن ياڻن ۾ ڇپيل هيءُ سنڌي مهه گرنٿ (قيمت ٥٥ رپيا) ڇپائي شري ڪيرت ٻاٻاڻي سنڌي جاتيءَ لئي وڏو احسان ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته فوجي حڪومت جي هوندي ان جو پاڪستان ۾ ڇپجڻ ناممڪن هو. ادائي سو نايب ڪوجنا مڪ

آهن، نـــ هيرا.
الله ڪري زور - قلم اور زياده

★

وڪيلن جو پاڙو

ناول ادب جي هڪڙي دلچسپ صنف آهي ۽ ان جون به ڪي تقاضائون آهن. پلاٽ جي رٿا، سماجڪ مقصد، ٻوليءَ جو مــناس ۽ پاٺڪ جـي وندر مون لاءِ پيارون چيزون آهن ۽ هن لـيکڪ به انهن سان نياءُ جي اداۓ ڪوشش ڪئي آهي......

پر ...... اڄ جڏهن ادب جي سڀني شاخائن ۾ چڙواڳيءَ جو بول بالا آهي ۽ بعڌن - مڪت رچنائن ڪي آزاد ۽ نئين جي نالي ۾ ڪجھه بـــ لڄـي تو نه به هلي ۽ اُن "ڪجھه" به جي نالي ۾ "ڪجھه به نه هجي" نه به هلي، نه پوءِ نون نقادن ڪي وهنواري آلوچنا جو شايد ڪو حق ئي ڪو نه ٿو رهي.

خير ...... هن ناول ۾ هيروئن فقط ٻن صفحن ۾ اچي يا ڪل ناٽڪ ڀاڱيءَ ڪان چاڀڙن لرائي، سنتنشت ٿيو وڃي آ به اعتراض ڇاجو؟

اڇـــو نه اَ-ناول جي نالي ۾ ئي هيءَ ناول پڙهي وٺون ۽ لطف انـــدوز ٿيون، ڇـو نه وڪيلن جي سامهون اچي ليکڪ اسان لاءِ "وندر" جي "ضمانت" پيش ڪئي آهي. اهو اسان پاٺڪن ڏي ڀـعي ججن تي ڇڏيل آهي نه ضمانت قبول ڪريون يا نه ڪريون. مون اها ضمانت قبول ڪئي آهي. مان ان ڪـوني لـــي هدڪي پاس ٿو ڪريان ۽ سمجهان ٿو نه سدڌيءَ ۾ مذاقي

سرمور تي رهيو آهي، سالن کان.

سندس شخصيت موهيندڙ لڳندي آهي ۽ هن ڪتابڙيءَ ۾ سندس زبان پڻ پياري پياري لڳي رهي آهي.

هن ننڍڙي ناولٽ ۾ سنڌي جاتيءَ بابت، ڀارت ورش بابت، بلڪ پوري ڌرتيءَ ۽ انسان ذات بلڪ ڪائنات بابت ٻن تصويرن ڪيمچڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي هن ڪلاڪار. هڪ تصوير آهي اهڙي صاف سٿري ۽ چٽي، جهڙي جيڪر، آئيني اڳيان بيهڻ سان، پنهنجي وجود جيان نظر اچي ...... ٻي تصوير آهي اُن سنڌر سنسار جي، جنهن جا خواب لهندو رهيو آهي هيءُ ليکڪ.

گيتا سنگيت، گلن جي سوڀهن ۽ سرهاڻ، دلين جي ڪوملتا ۽ نرملتا. انساني جذبن جي پاڪيزگي، سنهڙن چپن ۾ سمايل مسڪان، ماتا جي ٿڃن واري پاڪ پوتر ٿڃ جو مٺاس ...... ۽ وري اُنهن ننڍي چپن ۾ جوانيءَ جي خماري اڪشيندڙ شرابي نانين، بادل ۽ بلبل، امن ۽ اتحاد، ڀائپي ۽ برادري ...... ۽ چـا چـا ...... ولدي ورهائي رهيو آهي، هيءُ ليکڪ پنهنجن پاٺڪن جي ٽوليءَ ۾.

هن رچنا ۾ ساهوارا آهن ٻه. هڪ آهي ليکڪ پاڻ ۽ ٻي آهي سندس محبوبا. اُها اٿڻي ڪُڏڻي هرڻيءَ جهڙي اينگري ...... ڀـاڻل نـالي واري ...... چا موتڪي خوب وٽيءَ اوهان کي ٻه، وٺندي. انهن ٻن ڄڻن جنهن نئين سنسار جي سرجڻ ڪئي آهي، اهو سنسار ٻه وڻڻ جهڙو آهي. گيان ۽ وگيان ۾ اعتقاد رکندڙ خلق اهڙو سنسار خلقڻ نه ڏيندا؟ مان نٿو ڀانيان.

مان هن ليکڪ کي داد ٿو ڏيان، پر سڀئي مون جهڙا ساڏا ڪٿي آهن؟ ڪن ٻـارڪ ٻيمن لاءِ ليڪس اڀياس جي ضرورت آهي. مثلن: سپ جي ٻيمت مان موتي اڪرنـدا

جوانيءَ جا جذبا - پيريءَ جون يادون

سرڳواسي منگھارام ملڪاڻي صاحب اھڙو سدا جوان ۽ سدا بھار اديب ھو جنھن ١٩٦٠ع ڌاري چيل رچنائون ١٩٧٥ع ۾ ڪتاب بند ڪرائڻ ڏنيون ۽ ان طرح "جوانيءَ جا جذبا ۽ پيريءَ جون يادون" ڪتاب منظر عام تي آيو. ڪيترن فنسي واڻ جي انھن شردالون مان اھڙي اُميد رکي نٿي سگھجي. ڇاڪاڻ جو انھن کي نئين دور ۾ چھرو گم ٿيل، روشني ڏڪرا ڏڪرا ٿيل، زندگي اُٿل ھيٺ ۽ ذھن ويچار رھت ۽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ گاڏين ۾ گپا گيھ يا راشن لاءِ قطارون ۽ سندن قلمڪاريءَ جو موضوع بڻجن ٿيون، پر ڪين ڪنھن حسن جي ديدار ۽ عشق جي احساس ماڻڻ جو وقت نٿو ملي ۽ نڪي ڪين زندگيءَ جو ڪو شفي رخ پاڻ ڏانھن ڌيان ٿو ڇڪائي.

ٻئي پاسي.... ملڪاڻي جو ھو نئين ۽ اذيب ۽ ادب جي پارکو طور سنڌي ساھت جي مجلس ۾ پھرين ڪرسي والاريندو آھي، جڏھن قسمت جي مھريءَ جي مھار ھٿ ۾ ڪري شاعريءَ جا پٽ گھمڻ لاءِ ٿو نڪري، تڏھن سندس سڀ حواس ڪيس نہ فقط حسن ۽ عشق ڏانھن متوجہ ڪن ٿا، پر ھو اھڙو مشاھدو ماڻڻ بعد اھڙيون امر رچنائون قلمبند ڪري ٿو وڃي جن جي چمڪ ۽ ڏمڪ نوعيت ۽ نفاست لازوال بڻجي پيئي آھي ۽ اُھي سنڌي ادب جو جواھرن جڙيل زيور بڻجي پيئون آھن ھيٺ ڏنل مثالن مان ظاھر آھي تہ منجھس شاعري قوتون بہ اوترو ئي زوردار ۽ جاندار ھيون.

★ سمنڊ جي ڪناري تي ھڪ مردانو پير ۽ ھڪ زنانو پير ۽ پگل چوڙي ٿو ڏسي. پيرن سھاڻڻ جي باريڪ بينيءَ کان پوءِ ھوُ ان پريمي جوڙي جي جل - ڪريڙا جو تصور ٿو ڪري ۽ ان

ساهت جي کوٽ جي (ڪنهن حد تائين) به پورائي ٿي ٿئي.

مونکي ناول جو هيرو سردار ساول سنگهه خوب وڻيو. وڻيا ته سڀ، پر سردار جو ڪردار اهڙي طرح چٽيل آهي ۽ ساڳي پيٽي جي اُٽلت ۾ اهڙيءَ طرح ڳنڍيل آهي جو هڪ هڪ اڻ اُسرندڙ تصوير ٺهي پيئي آهي. تند ڳنڍڻ جي هيءَ ڪاميابي دوست ايسر پارواڻيءَ کي شاباس ڏيڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي ڇڏي.

ليکڪ ڊاڪٽر ايسر پارواڻي برجستو سماج سيوڪ، سلجهيل سياستدان، سرگرم، ميونسپل ڪائونسلر، پترڪار ۽ پيشي جي ڪري هڪ ڊاڪٽر آهي. هئين به هي گهڻو کلندو آهي، کلائيندو ۽ سوچيندو گهڻو ۽ پڙهندو آهي. هُو سچو نگرواسي آهي ۽ سندو نگر ۾ به وڪيل رهندا آهن، سو، جي، ڪنهن وڪيل ڀاءُ کي هن آئيني ۾ پنهنجو ڪو عڪس نظر اچي ته اهو محض اتفاقي ٿي سگهي ٿو. هتي جا وڪيل به انسان آهن. پنهنجي محبتن ۽ نفرتن، پيار ۽ تڪرار، خوبين ۽ خامين ڪمزورين ۽ ڏاڍ ڏمر سان گڏ، هر قسم جي انساني فطرت کي جيءَ سان جڙي ڪڏهن بلندين تي پهچندا آهن ته ڪڏهن لڙي ب هڪرندا آهن ۽ انهن اڪثر ٿيندو آهي، ٿيندو رهندو، مونکي فقط ليکڪ جي ديانتداري ايمانداري ۽ تخليقي مذاق جون قولون ٿي تعريف جي قابل لڳيون آهن ۽ اميد آهي ته پيا پڙهو.....

ارجن سڪايل

واري ڪوئيتا سنڌس بنيادي دعوى جي خلاف به آهي، نه غلط ۽ غلط به آهي؛ پر ٿي سگهي ٿو ته اهو سنڌس زندگيءَ جو ئي اتفاق هجي ۽ ان واردات جو موهه ڇڏي نه سگهيو هجي.

★

منگهارام ملڪاڻي

منگهارام ملڪاڻي سنڌي ادب جي ريل گاڏيءَ جو ڊرائيور به هو، ڪنڊيڪٽر به هو، ٽڪيٽ ڪليڪٽر به هو. ته گارڊ به هو. جديد دور ۾ هن جيترو پيار ۽ سنمان ٻئي ڪنهن به سنڌي اديب کي حاصل ٿي نه سگهيا، نڪي بزرگن وٽان، نڪي نوجوانن وٽان. جديد ايڪانڪي جي ابي هئڻ جو لقب حاصل ڪرڻ بعد جو سنڌي نثر جي تاريخ جهڙو شاهڪار ڏنائين ته ڪي ڪيس ساهت جو ڪبير ديوتا ٿا سمجهن جنهن وٽان پنهنجي پنهنجي گهرج آهر هيرالعل هزار حاصل ڪري ٿا ۽ ٻيا ته ڪي ڪيس شاهي درخت ٿا سمجهن، جنهن جي ڇانو هيٺان ٿڪ ته دور ٿي ٿو وڃي پر فرحت پڻ حاصل ٿيو وڃي. هن کي مان ڊرائيور ان ڪري ٿو ڪوٺيان جو سنڌس نظر ۾ ماڳ ۽ منزل به هئا، (ڏنڊلا نه هئا) نه راهون اُلجهيل نه هيون، تنهن ڪري گاڏي پٽڙي تي هلائي سگهيو. هن جي اڳيان ڪو به مونجهارو نه هو. جنهن ڪري چٽيءَ طرح لکي سگهيو "... فقط ڪجهه ٻڌو ۽ ڏٺو ڇپڻا لاءِ فيلسوفاڻا ليکڪ پيا لکيا ڇا؟ اهو ته قبرستاني ادب ٿي پوندو ۽ نه زندگانيءَ جو ادب. تنهنجي معنيٰ ته باقي رهجي ويو جيون جو اُلجهڻ، کوهجڻ ۽ نٽڻ. ڪوڪلي، ٻوڪگي نراشا پوري زندگي جن کي ٽئين ادب جا موضوع سمجهيو ٿو وڃي ....

جسماني ميلاپ لئي آسپاس ٻه ٿو ڪري. هيءَ ڪويءَ جي انسان پرستي آهي.

★ مجبور پريميءَ پريم - پتر ڦاڙي گاڏيءَ جي دريءَ مان ڦٽو ڪري ڇڏيو، پر هوائون اُنهن پرزن کي چاليءَ سان لائي ڪٽي هليون ويئون. ملڪاڻيءَ جي تخيل کي سلام ۽ سندس حق پرستيءَ کي سلام.

★ هڪ نوورني هڪ گاڏيءَ ۾ سفر ڪندي، چالي کولي، پنهنجي پارڙي کي ٿڃ ويئي پياري، پر ان جي ٻي ٻاڪي، لا پرواهي، بي حجابي ۽ سهج سڀاوڪتا شاعر کي ماتا پڻي جو مشاهدو پيش ڪرائي نفسانيت جو غلام ڪوي جيڪر من ئي من ۾ هن سان زوريءَ زناءُ ڪري وٺي ها. ملڪاڻي صاحب جي ڪوي من جي اها پاڪيزگي آهي ۽ ماتا پڻي جي شان ۽ حسن جو بي نقص مشاهدو آهي.

★ ڪنوارو شخص حسن کي چاليءَ سان نه لڳائي سگهڻ جي مجبوري ڪٽي رسڻ لئي، پارڪن ۾، قطارون ۾، نيڻن سان اها بيکه پنندو ٿو رهي. آوارا گرديءَ لاءِ ڪيڏو نه پاڪ ۽ همدردانو جذبو!

★ ڇوڪري شاديءَ لائق عمر کان چڙهندي ٿي وڃي. هڪ طرف جوڀن جا ورق ڪلندا ٿا وڃن ۽ سندس آڪار شاهانو ٿيندو ٿو وڃي، ٻئي طرف شاعر کي انديشو آهي ته مناسب وقت پڄاڻا به جسم جي ملندا ته به جوان دلين واري ٿرڪ عدم موجود هوندي ته ناڪاميابي ڪيڏي نه آفت - مج ٿيندي! هڪ پرلدڙ مسئلي (وڏي عمر جون شاديون) ڏانهن ڪويءَ جي حسين انتظاري ۽ سماجڪ جوابداري.

★ ائين ته "ڇوٽ واري ڪوهه لئي" ۽ ٻين ڪن رچنائن ۾ پرواز ڪوا هي، خاص خيال ڪوا هي، ڪوئي نقطو ڪوا هي ۽ "اوائڪل"

ڪيائين، اهڙي هام ٻه ڪو ٻيو هڻي نٿو سگهي! سنڌي اڪاڊمي کي واڌايون! اُنهن کي واڌايون!! ڪا ٻه لئبرري يا سنڌي اديب جو ڪٻٽ هن ڪتاب کان خالي هئڻ نه کپي.

سنڌي شعر جـــي تـــواريخ

مون ڊاڪٽر ديال آشا جي هن ڪتاب جي ديباچي ۾ لکيو آهي. ”ڊاڪٽر ديال جي ڪلا ۽ ڪشلتا لاءِ اسانجي دل ۾ اڳيئي عزت آهي، پر هن ڪتاب تي مختصر نظر ثاني ڪرڻ بعد، هاڻي منهنجي من ۾ ڪا ٻه شنڪا باقي نه رهي آهي ته هيءُ ساهتڪار ۽ ڪوي، ڪوجنيڪ ۽ سخندان سنڌي ادب جي اتهاس ۾ امرتا جي پدوي پائي سگهيو آهي.“

مـــان وڌيڪ هيئن چوڻ چاهيندس: هند ۽ سنڌ ۾ پکڙيل سنڌي هندو ۽ مسلمان شاعـــرن جو مختصر احوال ۽ سندن شعرن جا ٽڪرا ڏيئي، هڪ ئي هنڌ سيڙي سان ملاقات ڪرڻ جو هيءُ ڪم چڱيءَ خوبيءَ سان ڪيل آهي.

هـــيءُ ڪتاب آئينده جي کوجنيڪن لاءِ شمعدان جـــي روشني ٿـــي رهندو. جڏهن اسين هن جهان ۾ نـــه هونداسين، تـــڏهن ايندڙ نسل هن ڪتاب ورقن کي موهن جي دڙي جيان پيار ڪندو ۽ هن ڪتاب جي پراڻن پنن ۾ جيڪي هوندو، سو اکين تي رکي پنهنجن فنڪارن کي ياد ڪندو.

پوءِ ٻه ديال آشا کي ائين نٿو جڳائي ته پوپٽي هيرانندائـــي جنهن جي هڪ ئي لنبي ڪويتا (دن هيٺان ڊيلي) ڪيس امرتا

جيڪڏهن ڪي ساهتڪار جيون ۾ اڄوڪي جيون جي نُنڊ ۾ نه پر جيون کي جوڙڻ ۾، احساس جي سچائي ڏسن يا ٽٽندڙ جيون کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪن ته اهو نٿين پگهه جو ساهت نه ٿيو ڇا؟ ڇيو ويندو آهي ته ملڪاڻي صاحب نئين وڏن ساهتڪارن جي پٺي پيو ٿيو ويندو هو پر سچ اهو آهي ته هوُ ساهميءَ جي ڪاني ۾ صحيح ۽ نهايت بي رياءُ ۽ عادل فاضل منصف ٿي رهيو. سنڌي ڀاشا ۾ انگريزي لفظ اٽي ۾ لوڻ جيان هجي ته هوُ سهي ويندو هو پر جي اٽو ئي لوڻ ڪيو ويندو. ته هوُ اهن ليکڪن جي لاڪ ٻه لاهيندو هو ته سنڌن ڇوڏا به لاهي ڏيکاريندو هو. هن "ادبي اصول" جهڙو اوائلي ڪتاب (عزيز جي گل وخار ڪان به اڳ ۾) لکي پيشڪ گسائيد جو ڪم به ڪيو هو رايا ۽ سمالوچنائون لکي ڪيترن کي پڻ ٽڪيتون پٺي ڏنائين ته پلي ادب جي ٽرين ۾ چڙهي ڪنهن اسٽيشن ڏانهن وڃي پهچي سگهو ٿا.

ملڪاڻي صاحب جي ادب ۽ شخصيت تي گهڻو ئي لکڻ ٿو چاهيان ۽ قلم ۾ ڏوت ۽ رفتار به اچي وئي آهي، پر جيڪو ڪتاب ان وقت ته ساهت اڪاڊميءَ وارن ڇپايو آهي، تنهن جي پڙهڻ جي زوردار ۽ پُرزور سفارش ڪري پنهنجي شوق کي اڌ ۾ ئي ڇڏي ٿو ڏيان. اهو ڪتاب لکارايو اٿن ترقي پسند ۽ جديد دور جي وڏي سنڌي نقاد اي. جي. اُتم ڪان جو بُرڪ ڪهاڻي نويس ۽ مضمون نويس به آهي. هن جهڙو انصاف ڪو بيو ملڪاڻي صاحب سان ڪري به نه سگهي ها! ان لاءِ به سبب آهن جو هوُ هن جو پورو قدر ڪري ۽ قيمت ڪٿي سگهيو آهي هڪ ته اُتم صاحب کي سنڌي ادب جي ڊائريڪٽري پنڪنري ڪٿي چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو ۽ ٻيو ته ملڪاڻي صاحب سان ڪيترن ئي سببن ڪري جهڪا ياري رکيائين ۽ هن جو اپياس

اجاگر ڪندي شيام به وارو وڃائي ويو بدلجندڙ ماحول جي معمار نارائڻ شيام سون جا انبار لڳائي ڇڏيا ۽ نئين شاعريءَ کي جاوداني بخشي ويو. هندن جي لڏڻ کانپوءِ سنڌ ۾ اها جوابداري اياز نڀائي رهيو آهي. سائين ٻيوس جو شاگرد دڪايل پنهنجي اُستاد کان به وڌ انجنيئر نڪتو ۽ اهڙي پڪي سڙڪ تيار ڪيائين جو وڏي ۾ وڏا قومي اڳوان - ڄيرام ۽ چوئٿرام جهڙا به هن جا ڪلام ٻڌي جهنڊا کڻي اچي وڌيا ته وڌندا ئي رهيا.

دڪايل اقتدار کي للڪار ڪئي ۽ سچل وانگر سچ چيائين جو اُنهن کي ڪين وڻيو ۽ ڪيس هٿڪڙيون پائڻيون پيئون. قلعي جي ٻئي پٽ به تيار ٿي. ٽئين پٽ جي اڏاوت ۾ عزيز ۽ ضيا جهڙا ڪاريگر سرگرم رهيا. ضيا وڌيڪ پيارو لڳو جو درد جي جيئري جاڳندي تصوير بڻجي پيو. درد جي لذت به سوادي ٿي ڏئي جو مون چکي ڏٺي آهي. سچل ۽ ساميءَ جي انفراديت جا سڪا به سانيڻ جهڙا هئا، آهن ۽ رهندا.

چوٿين پٽ اٿڻ وارو هريڪانت! قلعو مڪمل ٿي ويو آهي. سنڌجي ترينتا ۽ دواپر کانپوءِ ڪلجڳ جي ڪٿا ٻڌائڻ وارو نارد پيدا ٿيو آهي ۽ انرئتي ويڻا وڄائي ڇت چڙهيو ٻڌائي رهيو آهي. هن يگ پرش کي وري به هڪ پرڻام آهي.

جڻ ڪو ڪرم يوگي ارجن آهي جو ڪمان تي تير چاڙهي رهيو آهي؟ ”شنک“ هريڪانت وڄايو آهي ۽ اعلان ڪيو آهي ”چڪر“ هن جي دماغ ۾ آهي. ”گدا“ هن جي هٿ ۾ آهي. ”پدم“ هن جي هردي ۾ آهي. هريڪانت ڪير آهي؟ اڳي ڪڏهن اهڙا ”اُگهاڙا آواز“ ڪڏهن ٻڌا هئا؟ ڪوئي اوتار ئي اوترو بي باڪ ٿيندو آهي يا علي ال اعلان ٻوليندو آهي، هريڪانت اوتار آهي؟ هن جو اڃا ته فقط خاڪو مليو آهي پر دل جي ديوار تي ته اُهو به چٽجي پيو آهي.

ٻڌشي چڙي يا ڪلا پرڪاش، سندري اُمپرداڻي، سرو سياهه، ڪانچيلعل قاصد، مرچو مرچو مسڪين، مايا راهي، رامچند دادوي هيرانند آنند يا ڏوم مهائيندڙ انند ڪيماڻيءَ جهڙي ڪئين ڪويتا جي شهسوار کي وساري ڇڏي پر ڪن ٻين اهڙن جا نالا ضرور اُڪائي جن اچا شعر جي ڪيتر ڀر ڪا هڪ وک مس کنئي هجي، جيئن لمد چڳاڻي

هڪ ڳالهه باقي: گهڻو پري نه وڃي، فقط منهنجي مسڪين خانائي ٻه ٻه قدم ڪٽي تشريف فرما ٿئي ها ته هند ۽ سنڌ جي ڪن ٻين اهڙن مقبول شاعرن جو ڪلام ۽ تصويرون ڪيس ڏيکاريان ها جو سندس اکيون ٻه ٺرن ها ته روح کي راحت ٻه اچيس ها ۽ سندس ڪتاب کي پنجون چنڊ ٻه لڳي سگهي ها.

لـــب پـــر روشني

هر ڪانت کي منهنجو پرڻام آهي.

هـــو عظيم فنڪار آهي. شبدن جو ته هو ڪبير آهي، پــر هيرن کي ڪنهن زيور ۾ ڪئين ٺهڪائجي ۽ ٺهڪائجي، هن جو اهو هنر ٻه اکيون چرخ ڪندڙ آهي. مان ان گهڙيءَ تي عاشق ٿـــي پـــيـــو آهيان ۽ ان جي جڙيل زيورن مان اک ئي نٿو ڪڍان.

چمڪت ڪري رهيا آهن موتي اهي زيور.

سنڌي شاعريءَ جي قلعي جي دروازي واري ديوار شاهه-صاحب جوڙي پر ان جون دروازن پريندي اُن جا ڇڏيل پهلو

آواز اُگھاڙا آھن، معنيٰ اُگھاڙي آھي پر ڪٿي ڪٿي لفظ جا لٽا به لٽل آھن معنيٰ آفريني معنيٰ ۾ ٿيندي آھي. لفظ ۾ نه ٿيندي آھي. گويا ته شعلا لفظ جي روح ۾ ھوندا آھن پر لفظ ۾ نه ٿيندا آھي. لفظ جي جسم ۽ صورتن کي ھمبرناھي ھئي چو وڏي اھميت ڏني ويئي آھي.

★

آزاديءَ جي بڌ ۾ سنڌ جو پاڳه

آزاديءَ جي قربان گاھ تي جان جي ڀيٽا ڏيندڙ شھيدن کي ارپيل ھيءُ ڪتاب، ڪانگريس شتابديءَ جي يادگار موقعي تي سنڌي ادب جي ھڪ مھارٿي بلديو گاجرا جو لکيل آھي. جنھن جو پنو اوچو، جلد پڪو، طباعت ۽ بيھڪ دلڪش الھاسڪ اھميت وارن ابوابن سؤ کن تاريخي سانحن جي صفحن ۾ پکڙيل مھانگو مال ۽ اڪري واجبي قيمت پنجاھ رپيا سنه ١٩٧٥ع ۾ ڇپيل سنڌي ڪتابن ۾ قابل - ذڪر اشاعت آھي.

٢٢ بابن مان ڪي باب فقط ڀارت ۾ ھليل آزادي آندولن جي تصوير پيش ڪن ٿا ته ڪي نج سنڌ جي آندولن بابت آھن. ٻورا باب گڏيل ۽ مليل واقعن واردات ۽ حقيقتن سان سينگاريل آھن. ڪنھن طرح سنڌي جاتيءَ ڪي پنھنجن ديش ڀڳتيءَ جي ڪارنامن بابت ھيترا سارا ٻڌل ۽ اڻ ٻڌل، ۽ ڏٺل اڻ ڏٺل احوال پڙھي ضرور فخر جو احساس ٿيندو ۽ پنھن پاڻن جي وچ فخر جو احساس ڏارڻ جو وجھ ملندو.

بلديو گاجرا جي ادبي حيثيت بابت مون کي چوڻ جي

هريڪانت ساگر جو مٿن ڪيو آهي. گهڻيئي رتن نڪتا آهن. زهر پاڻ پي ويو آهي تنهن ڪري سندس ڪنٺ مان جيڪي نڪتو آهي سو ئي نڪرڻو هو. اراوت هاٿي به نڪتو آهي جيڪو سياستدانن کي پنهنجي سونڍ ۾ مٿي کڻي وري ڪيئن پٽ تي سٽي رهيو آهي ۽ هو چيچلائي رهيا آهن. امرت جو ڪلش به دئيت پي ويا آهن. هن راهو ۽ ڪيتوءَ کي سڃاتو آهي ۽ آڱر جي اشاري سان سرحد جي ٻنهين پاسن تي اُهي اسانکي ڏيکاري رهيو آهي. "هن پر آهن ڏينهن، ڏينهو هن پر آهن رانگ نسه را زخم جدا ۽ درد جدا پر ڏنگ ته ساڳيو ساڳيو آهي."

(سڪايل)

هريڪانت شاعري نه ڪئي آهي، پر شعر ۾ هن هڪ ناول لکيو آهي جنهن جو نائڪ يعني هيرو آهي هريڪانت هڪ عاشق جي ڪهاڻي آهي، جنهن کان هڪ ماءُ (سندس) وڇڙي وئي آهي، جنهن ڪري ولين جو پارٽ ڪندڙن تي ڪيس خوب ڏمر آهي. ان بي انتها غم ۽ غصي جو نتيجو آهي "لمپ' پر روشني!" اهڙي دلسوز آهي هيءَ ڪهاڻي ۽ ان جو ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ انت. هڪ خوبصورت ٽريجڊي.

دارشنڪ سطح تي منهنجو ساٿس متڀيد به آهي جيئن رام ۽ ڪرشن سان به آهي. دروپديءَ سان ڪونهي پر رادا ۽ سيتا سان به آهي.

هريڪانت کي غصو پنهنجن ساٿين تي به آهي جو انعامن جي آنڌيءَ ۾ گم ٿي رهيا آهن يا ٿاڦوڙا هڻي رهيا آهن. پر راڄنيتيءَ ۾ هن يوگيشور ڪرشن ۽ چاڻڪيه ۽ محمد علي جناح کي ڇڏي فقط اندرا تي ڪليل اشارو ڪري جيڪا ڪلڪراني ڪئي آهي اُها ٻاراڻي روسامي ۽ رودن جهڙي آهي پر ٻاراڻو ڏوسو معاف به ڪري سگهجو آهي.

هن ڪتاب ۾ ڏنل ناياب فوٽا هن ڪتاب جو خاص سينڌر انگ بڻجي پيا آهن سچو ڪتاب ساهه سان سانڍڻ جهڙو آهي ۽ پڙهڻ گساجرا جي پختي عبارت، اتهاسڪ ۽ ڪر جناتمڪ رچنا ۽ دل ۾ پريل ڪرڻان ڪوٽ حب الوطنيءَ جي جذبن سبب منهنجو هن مصنف کي صدق پريو سلام آهي!

★

هن پار - هن پار

پنهنجي همعصر اديب جي رچنائن جا عنوان ڪٽي، ان جي بنياد تي ڪا نئين رچنا تيار ڪرڻ جو تجربو انوکو به آهي ته نئون به آهي ته دلچسپ به آهي. ويتر اهي رچنائون جي طنزي ۽ مذاقي آهن ته ڪتاب کي ڇهڻ سان ئي خوشبو پئي اچي. اهو نئون ڪتاب ڊاڪٽر ايس. پارواڻيءَ جي قلم مان آيو آهي "هن پار - هن پار" جي دلسوز عنوان هيٺان ته اکين ۾ لڙڪ آندا جو مارئي ملير ۽ عمر ڪوٽ جو قصو تازو ٿي پيو فقط جلد ڏسڻ سان.

حليم بروهيءَ جي ناليءَ، مذاقي ليکڪ طور سنڌ ۾ سڃاڻپ جنتا جي اکين کي موکرو ۽ ويڪرو ڪيو آهي ته دلين کي به وڌيڪ ڌڙڪن بخشي آهي. .... مگر .... هند ۾ رهندڙ .... سنڌس ثاني ليکڪ ايس. پارواڻي به رتيون ڪسر ٿو لڳي، جڏهن هن جي پهرين رچنا "هت ڏسڻ" حليم بروهيءَ جي گهٽ ڏسڻ کان پهرين ۾ نه فقط ڳوري آهي پر وڌيڪ منعڪ آفرينيءَ سان پريل آهي. حليم وٽ بوليءَ جي صحت ۽ گرماش موجود آهن. پر

سمجهان ٿو ته ضرورت کان ٻاهر ٿي نظر اچي، ڇا لاءِ ته هو بحثي ۽ اصولي پيرڪار طور، تنقيدي تحقيقي ۽ تخليقي مضمون نويس طور نه فقط چالو سچائي ۾ مڃيل ۽ درجي واري اديب طور ڪنهن کان به گهٽ ڪونهي. سندس شاعري ۾ هڪ نئي رنگ جي هوندي به ڌيان ڇڪائيندڙ ۽ سوچائيندڙ هوندي آهي. هن ڪتاب جي ليکڪ بلديو ۽ هن ڪتاب بابت هن ليکڪ جي جي لکندڙ (ارجن شڪايل) سنڌ ۾ هلچل آزادي آندولن کي ويجهائيءَ کان ڏٺو آهي، ان ۾ حصو ورتو آهي ۽ ڇڱيرو اڀياس ڪيو آهي، تنهنڪري جيتوڻيڪ منهنجي پياس پوري نه ٿي آهي، ليڪن پورنتا جي اٿاهه خوشي ڪيس به حاصل نه ٿي هوندي.

سندس ساٿي ۽ هجو سرڳواسي شري چوئٿرام وليچا جي صلاح ڪيس مڃڻي پيئي آهي، ڇو جو مان سندس ساٿي ۽ صلاحڪار هجان ها ته ڪنهن به حالت ۾ هر هڪ باب ۾ ۴ صفحه هندستان جي گڏيل هلچل بابت پوءِ ڪا طور ڏيئي باقي انهن جدا جدا تحرڪن بابت سنڌ جي ورتل حصي تي ۱۵-۱۶ صفحا لکڻ لاءِ چوانس ها. جيتوڻيڪ هي ڪتاب فقط سنڌ جي ورتل ڀاڱي بابت وڌيڪ مڪمل ٿي ها ۽ ڀارت جي تحرڪن جو ذڪر فقط پس منظر طور ڪم اچي ها. ايترن ئي صفحن ۾ سنڌ جو ڀاڱو وڌيڪ نجي ها ته سنڌ اسيمبلي ۽ ورهاڱي به هن ۾ اچي وڃن ها ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته سوين رهجي ويل نالا هن ۾ درج ٿي وڃن ها.

جيئنلعل راشٽرواديءَ وقت مال ته گهٽجو ٿي ويو هو پر هو نڪي صحيح معنيٰ ۾ اديب آهي، نڪي قلم جو ڌڻي آهي، نڪي هن کي ڪو سٺو ڇاپخانو ملي سگهيو تنهنڪري ان ڪتاب کي ادبي حيثيت ملي ڪانه سگهي، بقي احوال ته ان ۾ ڀيٽا ڀيٽا اچي ويا آهن.

ليکراج عزيز

(١٩ آگسٽ تي مها ڪوي ليکراج عزيز جي ورسي آهي. موقعي جي نزاڪت جاڻي، اسين ساهت اڪاڊمي دهلي طرفان ڇپايل مٿين عنوان واري ڪتاب بابت پنهنجا تاثرات ڏيئي رهيا آهيون. ڪتاب جو ليکڪ آهي اعليٰ اديب ۽ آلوچڪ اي. جي اُتم)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي چوي ٿو ته ٻوليءَ جي لحاظ کان اسين سڀ عزيز جي پيٽ ۾ ٻالڪ آهيون. پروفيسر ٽي. ايچ. آڏواڻي چوي ٿو ته عزيز سنڌي لفظن جي ڪاڻ آهي. جدا جدا لفظن جي پوري استعمال جي عزيز کي جيتري سڌ آهي، ايتري ٻئي ڪنهن کي به نه آهي. نارائڻ شيام چوي ٿو ته عزيز قادر ال ڪلام شاعر آهي. اي.جي.اُتم چوي عزيز وڏو سخن دان ۽ زبان دان آهي. جهڙس ڪو ٻيو سنڌيءَ ۾ مشڪل پيدا ٿيو آهي. بسمل ٽڪرائي جهڙي اُستاد فرمايو ته شاعريءَ جا مختلف عنوان، حسن اسلوب بندش جي خوٻي، مضمونن جي بلندي، طرز - ادا جي نرالپ محاورن جي ڪثرت، تخيل، تشبيهه، استره، جدت، جوش بيان وغيره ڪهڙي بلند پايه تي پهتا آهن. ته ان جي جواب ڏيڻ لاءِ وڏيڪ درد سري ڪرڻ ۽ ورق گردانيءَ جي ڪابه ضرورت ڪانه آهي، مسٽر عزيز جو ڪلام حاضر آهي، جنهن ۾ شاعريءَ جي هرهڪ پلئو جا اهڙا لاجواب مثال پيش ٿيل آهن. جي هر ڪنهن قادر ال ڪلام سخنور جي، شعر ۾ هئڻ گهرجن.

عزيز جي عظمت کان انڪاري نه هوندي به سنڌس واڪاڻيندڙ گهٽجي ويا جو ان جا ٻه سبب اوچتو اچي پيدا ٿيا. گهڻا سخن فهم سنڌ ۾ رهجي ويا ۽ هتي سنڌس تنقيدي ڪتاب

ڊاڪٽر پاروتيءَ وٽ چٽو سماجڪ مقصد به آهي جنهن لاءِ پنهنجي طنزي طبيعت کي بخوبيءَ ڪم آندو اٿس.

هن ڪتاب ۾ ۹ رچنائون آهن حليم بروهي جون ۽ ۹ آهن (ساڳين عنوانن هيٺ) ڊاڪٽر ايس پاروتيءَ جون ساڳيا عنوان هوندي به اندريون مواد ٻنهي جو الڳ الڳ آهي، جتي نظرياتي ڪشمڪش پڻ ظاهر نظر اچي ٿي. بوٽ ۽ ڪرسي، آڳهاس آنسو رڪشا، عشق ڪرڻ ۽ شادي نه ڪرڻ رچنائون پڙهندي پڙهندي جسم جي ڊوڙندڙ رت وڌائي سگهجي ٿو ۽ ٻنهي ليکڪن کي دل سان دعائون ڏجن ٿيون. حليم صاحب "شادي" رچنا ڏهن صفحن ۾ لکي آهي جنهن ۾ ڪافي ڦهلاءُ آهي پر پاروتيءَ جي رچنا ڇهن صفحن ۾ پکڙيل آهي جنهن ڪري زوردار ٿي لڳي، پر "عشق ڪرڻ..." ۾ پاروتيءَ جا ۳ صفحا به حليم جي ۱۷ صفحن جيترا وزندار ٿي پيا آهن. پاروتي صاحب هڪ ٻئي جملي سان عنوان جو ڳرو ڪري ڇڏيو آهي جو عشق واري سان جنهن شادي نه ڪئي تن کي ان ئي محبوبا "اڪل" ڪوٺي مذاق کي بلندي بخشي ڇڏي آهي.

ڪجهه قدر ڀارت ۽ پاڪستان کي مسئلن جي ڪوڙاڻ ۽ ڪاراڻ پنهنجي الڳ نموني ۾ پڌرائي ٿي ۽ اهو تضاد هرگز هرگز ادب مان عيان ٿي پوندو آهي ۽ ٿيڻ گهرجي، پر ٻين آل قومي نظرون يا انسان ذات لاءِ وسيع نظر سان سوچڻ جو صحتمند طريقو پڻ پاروتيءَ وٽ وڌيڪ قوي ۽ پربل آهن. باقي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي چونڊ ۽ مناس ۾ حليم حليم آهي ۽ پاروتي کي جهونا سنڌي ڪتاب اڃا به اٿلائي راڳين جي اندر وڃائڻي پوندي.

دھلي وارن اي. جي. اُتم تي لکڻ سان پنھنجي صحيح سڃاڻيءَ
جو ثبوت ڏنو آھي. ادب ۽ اديب، ساھت ۽ ساھتڪار جي
اڀياس لاءِ ڪو ٻيو شخص وڌيڪ لائق ۽ قابل ٿي به نه سگھي
ھا. ھن ليکڪ ۽ آلوچڪ لاءِ ٻه ڳالھيون زوردار نموني ۾ چئي
سگھجن ٿيون. ھڪ ته ھو سنجيده اڀياسي ۽ ودوان شخص آھي
۽ ٻيو ته نڪي شرڌا مان ڄاڻي نڪي حسد بغض سان ڪو
سندس پيچ پيل آھي. آلوچڪ وٽ قابليت به ھجي، ايمانداري
به ھجي ۽ سچ چوڻ جي جرئت به ھجي ته ان کي ئي "امين"
شخص چئي سگھجي ٿو. اُتم ھن مونوگراف ۾ عزيز جي
شخصيت جا به اھڙا پھلو اُجاگر ڪيا آھن ۽ ھن ڪتاب ٺيا،
ڪرڻ لاءِ سنڌ خواھ ھند ۾ ڇپيل ڪتابن رسالن مضمونن ۽
ڪالمن جو اھڙو عارفانو ۽ عاقلانو اڀياس ڪيو آھي جو ھيءَ
ننڍڙو ڪتاب ساھه سان سانڍڻ جھڙو ٿي پيو آھي جو ساھت اڪاڊميءَ
جي تيار ڪيل سنڌي لئبرريءَ جي اندر جرڪندڙ جواھر جھڙو
درجو ماڻيندو، ان ۾ ذرو به شڪ ڪونه رھي. عزيز صاحب سان ته
انصاف ڪيل ئي آھي، پر اُتم جي ڪلڪرانيءَ سنڌي ادب،
آلوچنا، تحقيقات سان به وڏو وڙ ڪيو آھي، جنھن لاءِ ڪيس
گھڻو جس ھجي.

گل و خار جي اشاعت بعد لاڙڪاڻي وارو دڪايل، دليگر رام ۽ وفا جو شردالو ٿولو بيوس لـــي تيل آلوچنا کي هضم ڪري نـــ سگهيو. سڀني آڙوجا جي اڳواڻيءَ هيٺ ترقي پسندن جو گروهه پاڻ تي تيل ڪري آلوچنا جو جواب ڏيڻ لاءِ سندن ضربيل روح جـــو آواز بڻجي پيو. شيام، خادم، ڪمل، سڪايل، پوپٽي ۽ اُتم سو هـــن جا پرستار رهندا آيا پر ٻيا گهڻا شاعر ۽ اديب گل وخار جي اهميت ۽ ان مان گهڻن جي فيضياب ٿيڻ جي حقيقت تسليم ڪندي به هن جا نڪته چين بڻجي رهيا.

عـــزيـز صاحب نيچرل شاعري، وطن پرستي، مظلومن جـــي وڪالت، ماحول جي عڪاسي، زماني جي جدا جدا دورن جي سارونـٽـيءَ بابت يادگار شعرن جي رچنا ڪندو رهيو ۽ پرمپرا ۽ روايـت سان ناتا نه تـوڙيندي به جدت ۾ شدت سان ثابت قدم رهيو.

روايتي لـفظن تشبيهن ۽ بيانن کي هن هنر ۽ حڪمت سان معنوي آفـريني بخشي جو ٻين جو اهڙو وس نه هو. ڪي ته گل ۽ بلبل، حسن ۽ عشق شمع ۽ پرواني، ليليٰ ۽ مجنون جهڙن لفظن کي شاعريءَ مان ٽلا نڪلي ڏيڻ جون تقاضائون ڪرڻ لڳا پر عزيز لکيو: — وطن جي باغ جا وسري نه بلبل ڪان ترانا ويا" —
— "عزيز آهي سنڌ جي ليليٰ سندو مجنو" —

بـاغ ۽ بلبل يا ليليٰ ۽ مجنوءَ کي ان طرح ڪم آڻڻ ۽ نئين رنگيني پيدا ڪرڻ جو ڏانءُ ۽ ڏاهپ نه هئڻ سبب اُهي شخص انهن لفظن تي پٽ پاراو ڪندا رهيا.

عـزيز صاحب جي نثر جي به کهڙي ڳالهه ڪجي! اڄ بـــ "ادبي آئينو" جهڙو مضمونن جـــو ڪتاب ۽ سندس نـــاٽڪ عالمن ۽ قابل نثر نويسن لاءِ رشڪ جو باعث بڻيا پيا آهن.

"ليڪراڄ عزيز" ڪتاب لکڻ جو ڪم ساهت اڪيڊمــي

پياريءَ سنڌڙيءَ کي نه وساريں ...... اگر يهودي ٻن هزارن سالن تائين پنهنجي قوميت قائم رکي سگهيا ته هنن سنڌي هندن کي نه اڃا ڪي سال مس گذريا آهن ته ڪيئن ڏينهن ٻادل برسن ۽ ڏولائي جا ڏينهڙا لوڪ مٿان لهن ۽ هي ۽ وري ماڳ اچن." اُن ۾ ڄاڻايو آهي ته سالن جا سال نظربنديءَ ۾ رهندڙ سائين جي. ايم سيد، جيڪي درجن کن ڪتاب لکيا آهن تن ۾ جڏهن مسلم ليگ ۽ پاڪستان جي حق ۾ پنهنجي اوائلي ويچارن تي پڇتاءُ ٿو ڪري ته اهو فقط سقراط يا گانڌيءَ جهڙا سچ چوندڙ ئي ڪري سگهن ٿا. "جديد سياست جا نوَ رتن" ڪتاب ۾ سيد صاحب گانڌيءَ لاءِ لکيو ته دنيا جي مکيه پيغمبرن جا ٻه سنڌين حياتيءَ جي عرصي ۾ ايترا سرويچ پوئلڳ نه ٿيا جيترا هن ضعيف ٻدن ساڌو سنت ۽ سياسي رهنما جا ٿيا ٻئي طرف محمد علي جناح تي ڪيل فقط چينيءَ جي ڪري هن تي مقدمو هلايو ويو. اهڙو آهي سنڌو ديش جو رهبر!

ٻئي ۽ چوٿين مضمون ۾ (جيئي سنڌ کان سنڌو ديش تائين) ۽ (سنڌ ۾ اٺين سجاڳي) اياز جي بيت (ڏيهي پرڏيهي ٿيا کان وٺي ڊاڪٽر حميده کهڙي ۽ نواب شاهه جي هڪ نياڻي تبسم جي ورتل پاڳه تائين سجاڳه سنڌ جو تفصيلوار ذڪر آهي، جنهن ۾ ون يونٽ جي ٽٽڻ ۽ ٽٽڻ کان وٺي رسول بخش پليجي، بي نظير ڀٽو، مصطفيٰ جتوئي، ابراهيم منشي، تنوير، شمس ال حيدري، فتاح ملڪ، نجم عباسي، غلام مصطفيٰ شاهه علي نواز وفائي، وفائي، محمد ابراهيم جويو، علي احمد بروهي، ٻي. ڪي. شهاڻي کان سواءِ سنڌي اخبارن هلال پاڪستان، اخبار جهان ۽ ٻين جي احوالن سان لوڪشاهيءَ لاءِ هلايل تحريڪ، پيپلس پارٽي ۽ ٻين جو مختصر پر معتبرانه احوال اچي ٿو وڃي.

ٽئين مضمون ۾ اچي ٿي سدا بهار ۽ سدا حيات شاعر

سجاڳ سنڌ

سنهيرڙي سنهيرڙي، پريو سال گذري ويو آهي جو "شير ادب" ۽ سجاڳ مضمون نويس ۽ ڪهاڻي نويس ۽ آلوچڪ اي. جي. اُتم جي "سجاڳ سنڌ" بابت اڄ ٿو پنهنجا تاثرات شايع ڪريان.

هڪ سؤ صفحن جي هن ننڍڙي ڪتاب ۾ مال ايترو آهي. جيترو هڪ هزار صفحن ۾ پکيڙي سگهجي ٿو پر اُتم صاحب عادت موجب هڪ گلاس ۾ پاڻيءَ جو هڪ مٽڪو سمائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي ادب جي ڇپائي سان حالتون سازگار هجن ها ته ڪتاب جو پهريون مضمون "سنڌو ديش جو رهبر" ئي هڪ هزار صفحا طلبي ٿو سچ پچ ته هن ڪتاب پڙهڻ سان منهنجي پياس پوري نه ٿي، چاڪاڻ ته سنڌو ڌرتي بابت جڏهن اي. جي. اُتم کي پڙهجي ٿو ته تشنگي وڌندي ٿي رهي ۽ من جي پياس مٽجي نٿي. چاهجي پيو ته ڪتاب پورو ڇو ٿي ويو؟

پهرئين مضمون "سنڌو ديش جو رهبر" ۾ ليکڪ لکيو آهي ته ان رهبر (جي. ايم. سيد) نه قائد اعظم (جناح) نه قاعد ملت (لياقت علي) ۽ نه قائد عوام (ڀٽي) اڳيان ڪنڌ جهڪايو ۽ نه وري ايوب، ياهيا خان ۽ ضيا الحق جهڙن جي ڊڪٽيٽريءَ کان ڊنو آهي. جناب سيد صاحب هندن جي نڪري وڃڻ تي لکيو آهي: "بهترين سائنسدان، انجنيئر، ڊاڪٽر، پروفيسر، واپاري، ادب جا ماهر ۽ صوفي اسان وڃائي ويٺا آهيون جن کان سواءِ سنڌ اڌوري پيئي لڳي. جتي به هجن شال خوش هجن پر اسان کان ڪو نه وسرندا ۽ مٿن به فرض آهي ته پنهنجي

جملن جي ٻڌڪ ۽ لفظن جي چونڊ قابل ذڪر آهي.
موڪلي هئن وال پنهنجي هڪ ڪتاب جي ياد آئي آهي جنهن
۾ سنڌڙيءَ لاءِ سڪندڙ ۽ ٽڙندڙ ۵۰ کان مٿي شاعرن جا شعر گڏ
ڪري ڏنا هئم ۽ جو پڻ سچي سچو ڪتاب سنڌ جي ٽڙق
جو ڦٽو پٺجي دل تي اڪري ٿو وڃي. اهو ڪتاب "آءٌ **ڪانگاڪر**
ڳالهه" جو ڏيل ڪي چوڙيندڙ چتر پڻ هن ڀاءُ ليمڻ جو تيار
ڪيل هئو. ياد رهي ته سنڌيءَ جي پرچارڪ لهڪ ۽ قابل
چترڪار جي ڏرمپتني ڀگولتي ڪڪڙيجا جون پڻ سنڌيت جي
درد سان ڀرپل ڪي يادگار ڪهاڻيون لکيل ۽ ڇپيل آهن،
جيڪي سنڌي ساهت جو انمول خزانو آهن. آسان جون هن
دلدار ڀاءُ کي لک لک واڌايون.

پرچن شال پنوهار

منهان ٻچي ٿو چوان ته ڪمار ٻيجواڻي جا ڪي ليک ۽
ڪهاڻيون پڙهي ڪڏهن خوش ته ٿيو هوندس ته ڪڏهن هڪ
اڌ گهڙيءَ رچنا تسي من جي سلامت لاءِ شاباس جو اکر تي
داهي ٿنو ڪيو هوندم. تازو مليون ڪتاب اچي هٿ ۾ ڏنائيم
ڪٿي اچي رکيم ڇهم: ڪڏهن ڪٿي نظر مان ڪيئندس. پاڻمان ٿو
ته مهينو ڏيڍ گذري ويو. هڪ ڏينهن هڪ رستي تان هڪ ٻئي
کي پار ڪندي موڪلي ڪتاب جي يادگيري اچي وئي ۽ کولهي
اچي پڙهيم. فهرست ۾ پهرين نمبر رچنا آهي **ڪاڪو** ڇيم ته
اول اها ڪٿي ٿو پڙهان. صفحه ۲۸ کولي اها پڙهيم، پڙهي پوري

(دوستن شاهه ۽ جيئي سنڌ جيئي هند جهڙا امر گيت ڳائيندڙ) مرحوم حيدر بخش جتوئي جي انسانيت، حب الوطني، بلند پروازي، قلب جي قوت، قربانيءَ جي جذبي، امن پسند طبيعت عالمگير برادريءَ جي ۽ ڪاليت هاري حقدار آندولن ۽ هلچلن لاءِ هنن ڪوششن جون دل ڇهيندڙ ڳالهيون پڙهندي پڙهندي لڳي پيو ته بيشڪ هو برابر بابا آهي - سنڌ جي عوامي خطاب جو حقدار هو. هن ڪتاب جي قيمت اهم دستاويز جيتري آهي پر پڙهڻ ۾ قيمت ڏهه رپيا آهي.

★

موهن جي دڙي جي مهر

ليکڪ چترڪار انجنيئر لڇمڻ ڪڪڙيجا وٽان سنڌي ڪهاڻين ليکن خاڪن ۽ مضمونن جو ڪتاب "موهن جي دڙي جي مهر" پڌرو ٿيل آهي جو هڪڙو ئي ڪتاب سنڌيت ۽ سنڌ جي خوشبو سان پوريءَ طرح ڀريل ٿو ڀاسجي. هڪ به رچنا اهڙي ناهي جنهن ۾ سنڌ ۾ رهندڙ يا هند ۾ آيل سنڌين جي جذبات وطن پرستي ۽ وڇوڙي جا ورلاپ آلاپ ۽ درد ڀريو منظر چٽيل نه هجي. ائين ڪي به ڪتاب لکيا آهن ته اهي ٻه هڪ ٻه يا چار چيزون اهڙيون هونديون آهن جو پڙهڻ لاءِ لائق ٿي بولديون آهي ۽ ٻيون اهڙيون جون ڳالهيون لائق بولدون بس نه ڪنديون آهن، مگر هيءُ ڪتاب سڄي جو سڄو غم، جدائي ۽ درد دل جو آئينو بڻجي پيو آهي. ڪيتريون سٽون دل لي چڪنڙي ٿيون آهن ۽ ڪيترا ئي سنڌي لفظ وسريل ٿا وڃن. ڇپائي صفائي

ٻي رچنا جنهن مون کي رُئاري ڇڏيو سا آهي "جاڳڻ ماڻهو" اهڙا رچنا ناراڻ پارتيءَ جي "ڪليم" ۽ "دستاويز" جهڙي يا پڳونتي ڪڪڙيجا جي "ڏيهي پرڏيهي ٿيا" جهڙي آهي. سنڌيت جي جذبي سان نمتار ۽ وطن جي ساروٽيءَ جو اڻ وسرندڙ باب آهي.

موتي پرڪاش جي "رهمون موالي" يا گوردن پارتيءَ جي "آراضي واري نينگريءَ" وانگر سهڻي ۾ ساڻيڻ جهڙي آهي.

شڪ جو شڪار واڳي وشڻ جهوني آهي. پر ڪوڙي دائي لي واڻڻي جو قياس جنهن ريت مهانگو ڏيکاريل آهي انهن پاسي اهو هڪ طرف هن وشڻ کي نواڻ ٿو بخشي ته ٻئي طرف لڏيندڙ هندن جي صادق جذبي کي اعليٰ درجو ٿو عطا ڪري.

هن ڪتاب ۾ "سليما" جهڙو اڻ ڇٽو ڪردار به آهي جيڪا دلسوز راڳ ڳائيندي آهي پر مرڻ جي خبر - انهن ني "رمضان چريو" به ڇاپ ڇڏي ٿو سگهي.

ڪمار ليجواڻي ٣٠ سالن کان پيو لکي پر هو پڙهيل بدل ڏنل ليکڪ نه آهي جو ڪيل، ڏکرا گڏ ڪندڙن ۾ ٻين گهڻن کان مٿانهون آهي، جيڪي ڪانئس گهڻو وڏيڪ مشهور ٿي ويا آهن هيءَ صاحب سچو پيو لکندڙ ليکڪ، ڪڏهن چهنبڙي پائي چاچي ڪوڻ وارو ته ڪڏهن دلين کي جهوٻو ڏياري روئاڻ وارو، سنڌيت جو مجنو ۽ قلم جو وفادار دوست به آهي جنهن وٽ روشني بخش نقطا به آهن ته ڪويءَ جهڙو هردو به آهي ڪمار لاءِ منهنجون مبارڪون ۽ هن جي قلم لاءِ منهنجا پيار.

ڪيم ته مان دنگ رهجي ويس.

هن "ڪاڪي" جو فوٽو اکين جي ڪئميرا مان نڪري ذهن جي فريم ۾ مڙهجي دل جي ديوار تي چنبڙي ويو. وشنو ڀاٽيا جو "ڦوڪڻ وارو" ڪرشن راهيءَ جو "پولو چانهه وارو" اُتم جو "راجا" ۽ ايسر ڀاروانيءَ جو وڪيل راجسنگهه منهنجا اڪيلائي جا دوست رهيا آهن، پر ڪاڪو به پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

گذريل سال سنڌونگر جا ڪي ليکڪ مون گڏ ڪيا هئا جيڪي ١٩٨٠ کان پوءِ ڇاپي هيٺ آيا آهن تن مان اعليٰ اديبن (موهن ڪلپنا، هيرو شيوڪاڻي ۽ شو و رامناڻي) کان انعامي ڇانٽيءَ لاءِ چونڊ ڪرائي.

اهو انعام هڪ هزار رپين جو دوارڪي سنتانيءَ کي ڏنو ويو هو. هيءَ ڪتاب جي ان ويل ڪسوٽيءَ تي هجي ها ۽ هڪڙو جڳهه مان پاڻ هجان ها ته ماستر ڪمار ٽيجوانيءَ جي هيءَ رچنا "ڪاڪو" مولڪي منجهائي رکي ها ته انعام هن ڪهاڻيءَ کي ڏيان ها.... ڪمار ٽيجواڻي ماستر آهي. ٻولي ٻڌتي ۽ جملا سڌا سنوان پر عالمانا ۽ روزاني گنگا جي وهڪري جهڙي تيز ۽ اثرائتي پر ڪردار نگاري ۽ سنڌس رتا به ڦهڪيل ۽ ٽهڪيل هجي، سو پتو هاڻي پيم، جڏهن هن ڪتاب کي نظر هيٺ آندم. مان چاهيندس ته سنڌونگر جا سڀ نوان ليکڪ هيءَ ڪتاب پڙهن ۽ پاڻ امين ٿين ته ان سڀا ۾ ڪمار ٽيجواڻي ڪا جاءِ جوڙي آهي يا نه ۽ جي سنڌس لاءِ ڪرسي مقرر ڪجي ته اها ڪيتري هيٺ گهرجي. دوارڪي وٽ ديس ودس جي مسئلن جو گيان آهي، ڊاڪٽر ايسر ڀاروانيءَ کي ظرافت جو هنر ۽ انداز بيان جي قوت آهي، پاون سنگهه للريچا وٽ فلسف- حيات يا جيون درشن آهي، پر ٻيا ساٿي جيڪر هيءَ ڪتاب "پرچن شال پنوهار" پڙهن ۽ ڏسن ته اڄ تي ڪارو ڪيئن لکبو آهي ۽ يادگار رچنا ڇا کي ٿو چئجي.

ٻرسٽي آهي، ڇاڪاڻ ته پاور ۽ پارٽي پالٽڪس جو لازمي نتيجو انهن ئي ٿيندو آهي....

در حقيقت اها المناڪ حقيقت آهي يا هڪ ڪوي وانگر سوچڻ لڳان ته جيڪر ان کي خوبصورت ٽرئجڊي ڪوٺيان. ٻيءَ طرح... سلامت اهڙن سڀني وڏيرن جي وچ ۾ ئي وهندو آهي. ڪيس ڪو به نظرانداز ڪري نه سگهندو آهي، ڪرڻ نه چاهيندو آهي. هن جي همت جو ڇهاءُ هن جي نيڻن جي چمڪ ۽ هن جي للڪار انهن سڀني کي ٻل به بخشيندي آهي.

سنڌس لکيل ڪتاب "جيل مان پٽنيءَ ڏانهن خط" مان سنڌس وڏولاءِ، دور درشٽي فلسفه - حيات، انسان دوستي ۽ گهري اڀياس جون جهلڪون نمايان آهن. هيءُ شخص بزرگن لاءِ نوجوان ۽ نوجوانن لاءِ بزرگ آهي. ٻر سنڌس شربتي نيڻن ۽ محبتي ٻولن جو پرساد بزرگن توڙي سيڪڙاٽن لاءِ يڪسان ميسر ٿيندوآهي.

ڪتاب جي مصنف موهن ڪلپنا لاءِ مون کي هڪ شڪايت آهي جو نهايت مختصر ڪتاب ۾ به سلامت جي جهلڪ اڃا به مختصر ڪئي وئي آهي جو تمام گهڻن شخصن جي نالن جو ذڪر ڪرڻ وارو موهه ڪلپنا صاحب ٽياڳي نه سگهيو آهي. تنهن سواءِ سلامت جي شخصي پيار، نفرت ڪمزوري، مهانتا، اُدام، بلنديءَ، پستي، هار جيت، وشواس اشواس، دوستي ۽ دوکي جهڙن ذاتي اٿل پٿل وارن واقعن ۽ وارداتن کي بي نقاب ڪيل ناهي جو ڪتاب پڙهندي اڌ ۾ بند ڪري ڇاتيءَ سان لائي ان جو نفيس ۽ ڪومل مناس ماڻي وٺجي. ڪن صفحن کي لڙڪن سان ته ڪن کي چمين سان آلو ڪري ڇڏجي.

★

"انسان دوست سلامت پرسواڻي"

موهن ڪلپنا جي مٿئين لکيل ڪتاب کي ڪلپنا گهر اُلهاسنگر وارن ڇپايو آهي جنهن ۾ ڪرائون سائيز جا ١١٦ صفحا آهن ۽ قيمت ويهه رپيا ائس. پڙهو، ڇپائي، آرٽ پيپر جو پوش ۽ فوٽا ڪتاب کي ڪٽي بيٺا آهن خوبصورت ان جو ديدار آهي ۽ امرتميه ان ۾ ڪٿا آهي. ڪٿا آهي هڪ ٻهه مکي شخصيت جي، جو خوش نصيبا اسان جو سنڌي ڀاءُ آهي ۽ اسان جي سنڌو نگر جو رهواسي آهي.

هو صاحب هند ۽ سنڌ جي ٻنهي طبقن ۾ يڪسان سڪ ۽ سنمان حاصل ڪري سگهيو آهي. ڪلپنا جهڙو هند ۽ سنڌ جو هاڪارو اديب، هن شخص تي هڪ ڪتاب لکي، اها حقيقت پنهنجو پاڻ ۾ ئي اُن سلامت پرسواڻيءَ جي اهميت ۽ مقبوليت کي چار چنڊ لڳائي ٿي.

ٻالوغت ۾ پير رکندي ئي سلامت وطن پرستي ۽ انسان دوستيءَ جي ڀاونائن جا گل دل جي چمن ۾ پوکي ڇڏيا ۽ لڏيلائق سالن انهن کي پرقلات رکيو، ۽ نه جيڪر ٻين سون هزارن وڪيلن وانگر ڪارو ڪوٽ ۽ اڇو ڪالر پائي فقط ڪورٽن ۾ ڦرندو رهي ها. ڪارو ڪوٽ پائي ڪورٽن ۾ هو ويندو ضرور آهي پر هو رواجي وڪيل نه، مثالي وڪيل ٿيو، جنهن پنهنجي پيشي کي گهٽو لٽو مسڪين ۽ مجبور طبقي جي طرفداري ڪرڻ لاءِ ڪم آندو.

هو کيس "وير سلامت" جي جنتاوي خطاب سان ياد ڪندا آهن. سلامت پرسواڻي ايم. ايل. اي. يا ميونسپل پريسزيڊنٽ جي ڪرسي ته ڇا پنهنجي سنڌو ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو پريزيڊنٽ بڻ نه ٿي سگهيو آهي، جنهن جو هو اڪيلو ئي زندهه بنيادي

ٻوڃارڻ، پاڪيزگيءَ جي پتلي، ڪنور جيئن ڦلواڙيءَ تي ڇانيل ڏوُپ ۾ سورج مکي گل جيان ڪومل ٻرآهيءَ منهنجو ڏيان ٻه ڇڪايو اٿس، ٽيئن هر پاڻ کي پاڻ سان گڏ ٻڌي وهاريندي. اهڙي خاطري ڏيندي مان حال في الحال هن اڻ ڏٺل ڇوڪريءَ جي موهه کان پاڻ کي آجو ڪري، ٻئي ڪنهن ڪم ۾ لڳي ٿو وڃان جيستين وري ٻيهر ڪتاب جي ورقن ۾ وري سندس درشن ڪريان، جنهن لاءِ منهنجي من ۾ سدائين اُڪير رهندي.

آرگنائيزر جو جڳائي سنڌ پرچو

دهليءَ جي هفتيوار انگريزي اخبار آرگنائيزر وارن سنڌيت پرچو ڪڍيو آهي جنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن سنڌي مسلمان هڪ طرف سائين جي. ايم سيد جي فيلسوفيءَ ۾ اعتبار رکن ٿا (جيڪو آزاد سنڌو ديش جو حامي آهي) ته ٻئي طرف پيپلس پارٽيءَ وارا مصطفيٰ ۽ بي نظير ڀٽو وغيره پاڪستان جي هستيءَ ۽ سالميت جي حق ۾ آهن پر ضيا جي فوجي حڪومت جي بدران لوڪشاهي چاهين ٿا.

اسانجي نظر ۾ سنڌ ڪي پوين ٻنهين مان ڪجهه نه ملندو ڇاڪاڻ ته وري به چونڊيل گهڻائي پنجابين جي رهندي ۽ خود پيپلس پارٽيءَ ۾ به سچي طاقت پنجابين جي آهي. هڪ سنڌي يا سنڌياڻي ان پارٽيءَ جي اڳواڻي ٿي ڪري ته اها اهڙي ڳالهه آهي جهڙي صدر ضيا جي حڪومت ۾ (اڪين ۾

ڪومل ڏوپ

سنڌي ادب ۾ ته مون خود ئي پنجن اصلوڪن ناولن جو اضافو ڪيو آهي پر هندي ۽ ٻين ڀارتي ڀاشائن مان سنڌيءَ ۾ انواد ٿيل سوين ناول به پڙهيا اٿم. انهن مان مرهٽي ناول "رولاڪ جي آتم ڪهاڻي" هنديءَ مان ترجمو ڪيل "گناهن ڀريو ديوتا" ۽ بنگالي ناول "ديوداس" منهنجي شخصي لئبرريءَ جو سينگار بڻيل آهن. ڇو ته اهو ناول جيڪو تازو هاڻي مليم سو هنديءَ ۾ ئي آهي ۽ هڪ ويهڪ ۾ پڙهي پورو ڪيم، سو پڻ ان لئبرريءَ ۾ سنڀالي رکڻ جهڙو سمجهي، اُتي رکيو اٿم.

مان هن ڪتاب کي مٿين ٽن جهڙو شاهڪار سمجهي انهن سان هن جي مشابهت نٿو ڪريان، پر هن دلچسپ ڪتاب کي، ان ڪري سنڀالي ٿو رکان جيئن ٻيهر به پڙهان ۽ ڪنهن مهمان کي پڙهڻ جهڙي چيز ڏيڻ چاهيان ته ڏئي سگهان..... يا جڏهن ٻه **ريشميءَ** جهڙي سنهيءَ سباجهيءَ ڇوڪريءَ سان ٻه ٽي گهڙيون گهارڻ چاهيان ته گهاري سگهان.

"**ريشمي**" هن هندي ناول "**ڪومل ڏوپ**" جي نائڪا آهي، جنهن جو لکاريو آهي پرسڌ هندي ليکڪ شاعر، تعليمدان ۽ پترڪار **ايس. ايل. ڀاٺڪ (نڪشڪ)**.

هن رچناڪار ڀاٺڪ صاحب جي طبعيت ۽ صحبت مونکي ڪجهه وقت کان سنڌ پرستار بڻائي ڇڏيو آهي ۽ ڪيس خوب عزت جي نگاهه سان ڏسندو آهيان.

هن ناول ۾ هڪ وئشيا جي پڻ رچنا آهي، نائڪ **روي بابو** ٻيو آهي لس پيا ٻه ڪي ڪردار آهن جن هن ناول جي ڦهليل رنگ ۾ پنهنجو ڀاڱو ادا ڪيو آهي پر **ريشمي** پرڀم جي

وشو شانتي ڇو؟

وشو برادري، عالمگير امن ۽ ڀارت - روس دوستيءَ جو جيسيتائين سنڌي جاليءَ سان واسطو آهي، تيسيتائين اُلهاسنگر ۾ رهندڙ هڪ وڪيل ياءُ جون سرگرميون ۽ سڀاڳيون قابل ذڪر آهن. اسين کيس دوارڪي سنتاڻيءَ جي نالي سان سڃاڻون ٿا، جو هڪ سينئر وڪيل آهي ۽ پنهنجي جاڻ سڃاڻپ وارن هندو خواهِ مسلمان، ججن، وڪيلن، ڪارڪن ڪرتائن، سياسي سڀاڳيءَ وارن شخصن ۽ ٻڍڙمائن جي وچ ۾ پنهنجي جوڳي جاءِ ٺاهي سگهيو آهي. ڏلڏي جي مشغولين ۽ شيوا ڪارڪ سان نڀائيندي وقت جون گهڙيون چورائي وٺندو آهي ۽ موج مزي ۽ عيش پيار جي احساس کي ڏکيندو، سنسار جي ڀلائيءَ لاءِ ڪندو رهندو آهي. مان هن جا ليک شوق ۽ سوچ سان پڙهندو رهيو آهيان ۽ دل ئي دل ۾ کيس داد ڏيندو آهيان ته ڪيئن مت- پڪو ٻڌجي، وڏي وڏيريءَ سوسائٽي جي سنبنڌن ۽ محبتن جو موهه ڇڏي، ٿورن سان ڏسي نينهن نڀائيندو آهي جيئن سوڌيل ۽ قبول ڪيل سچ سان پنهنجا لاڳاپا ۽ ڳانڍاپا قائم رکندو اچي.

ڪامريڊ سنتاڻيءَ هڪ نئين سچ جو پڻ ديدار ڪرايو آهي جڏهين چوي ٿو ته چنگيز ۽ نادرشاه، هٽلر ۽ تيمور جهڙن جنگبازن کي ٿو ڪاڍيندي اشوڪ جهڙن امن جي فرشتن گوتم مسيح ۽ ڳانڌيءَ جهڙن امن جي فرشتن جواهرلعل ۽ مانڊيلال جهڙن امن جي پيغمبرن کي سيني سان لڳايو وڃي ٿو. پوءِ به اجوڳا جنگباز الهاس سان سبق نٿا پرائين، جيتوٽيڪ پراچين لڙائن ۾ فقط فوجي طبقي جو وناش ٿيندو هو. جيئن نادرشاهه فقط دهليءَ کي ته چنگيز بخارا ۽ سمرقند کي تباهه ڪيو. انهن محدود اراضين

ڏوڙ وجهڻ لاءِ) هڪ سنڌي اڳوان جو ٺهڻ ڪي پاڪستان جو مکيه وزير چونڊيو ويو. ٻئين طرف آهي پير پاڳارو جيڪو مسلم ليگ جي پارٽي يا ٻئين روپ کي منهنڊو رهي ٿو. چوٿين طرف آهي سنڌي ٽاليون مڙن، وڏيرن، زميندارن ۽ مولوين جو ٽولو، جيڪي نه اسلام جي نالي ۾ پاڪستان جا حامي آهن ٿي آهن. پر جيڪا به حڪومت هجي (ڀلي اها فوجي حڪومت هجي) ان سان هٿ ملائي هلندا آهن ڇاڪاڻ ته اهي فقط مفاد پرست آهن.

هن پرچي ۾ خانبهادر الله بخش، ڊاڪٽر حميدا کهڙي ۽ جي ايم. سعيد جي قوم پرستيءَ کي صحيح نموني ۾ چمڪايو ويو آهي. مذهبي ڪٽرپڻي کان بجاءِ پائل سنڌي مسلمان ڪيئن ڪراچي بندر گاهه تان محمد بن قاسم جهڙي حملي آور جو پتلو هٽائي راجا ڏاهر جو پتلو لڳائڻ جي گهر ڪن ٿا ۽ ڪيئن جي. ايم. سيد جي نظر ۾ جناح کان به وڌيڪ ڪٽر ۽ سنڌ-دشمن ذوالفقار علي ڀٽو هو جو فوجي راڄ ۾ شهادت پائي هاڻي "شهيد بابا" جو لقب پائي چڪو آهي. هڪ خاص ليک **شڪارپور** جي شان ۾ ۽ بنيادي ٻئنڪ سرشتي ۽ هنڊين جي سرشتي جي ايجاد ۽ سنڌ واهه بابت ۽ سنڌين ڪشلتا ۽ سڦلتا بابت به ڏنل آهي. سمپادڪ صاحب هن پرچي لاءِ واڌاين جو حقدار آهي، جيتوڻيڪ "ڌرم يگ" جي **"جيئي سنڌ پرچي"** جو مال ۽ روپ گهڻو بهتر ۽ ٻهڪندو مٿ پاڻ هو، جنهن جي سمپادڪي سڃاڻ سنڌي پترڪار ۽ اديب شري **اي. جي. اُتم** ڪئي هئي.

★

نئين روشني

سورهن آنا سرٽيفڪيٽ ڏيئي،
ڪنهن کي خوش ڪرڻ جي عادت ڇڏي.
پر ...... مونکي اها عادت نه پيئي.
ساڳئي وقت
ڪنڊا ئي ڪنڊا ڏسي،
نڪ موڙي، اکيون ٻوٽي،
باغ مان هليو وڃڻ به چڱو ڪين لڳم.
انهن ئي خارن جي وچ ۾
خوبصورت گل هوندا آهن، اوس هوندا آهن،
اهي گل نظر ايندا اٿم
۽ گهڙي ساعت ترسي
تن کي ترپت ڪرڻ چاهيندو آهيان.
پاڻ ديال آشا
عرصي کان لکندو رهيو آهي.
برابر ڪو شاهڪار
اڃا،
سندس قلم مان اڇٽو آهي.
جڏهن سندس قلب
ڇپر جي رت ڳاڙهيندو
تڏهن ...... هيءَ به،
ماهه سان ساڻيڻ جهڙيون
سولڀون ڇيڙون ڏيئي سگهندو،
اهڙو منجهس جذبو به آهي
ڏانءُ به آهي، صداقت به آهي.
ڏسين......

ڪان سواءِ ٻيو سڄو جهان ٻي سڄي ڪائنات ۽ سندرتا تي ڪو اثر نه ٿيندو هو. اسين ڄاڻون ٿا ته هاڻوڪيون جنگيون نه ٻي واسطيدار شهرن ۽ شهرواسين، سنسار جي ساري سونهن ۽ سندرتا اجنتا، ايلورا، سوني دربار، ماسڪو جي لعل چونڪ، ٽيمس جي پل، پئرس جي فئشنيبل بزارين، نيل نديءَ ۾ ترندڙ ٻيڙين، گنگا جمنا ۾ ترندڙ گلن جي دونن ۽ ڏيئن، آمريڪا جي آزادي جي نشان، هانگ ڪانگ جي هوٽلن، لنڊن جي لئبررين ۽ ۽ محلاتن ميسپوٽاما جي باغن، ڪشميري ڪلين، پٺاڻي ڇوڪرين جي حسن، افغاني حشمت ۽ يورپي نزاڪت جو نالو نشان به نه ڇڏيندئون.

هن پستڪ ۾ نهايت اهم نقطا بيان ڪيا اٿس جن جو مقصد آهي دنيا ۾ جنگ جي بادلن جي تصوير ڪشي ڪرڻ ۽ اُنهن ڪارن بادلن ۽ تباهيءَ جي برسات آڻڻ وارن جوابدارن کي بي نقاب ڪرڻ ۽ امن جهڙي الاهي نعمت ۽ وشو ۾ برادرانه ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ ڪي نوس علاج سمجهائڻ ۽ اُن لاءِ دنيا جي ٻن وڏين طاقتن جي ارادن ويچارن ۽ عملي قدمن جي اوک ڊوک ڪري سچ ۽ فقط سچ ٻڌائڻ.

مان سندس ڪوشش ۽ ڪاوش جو قدر ڪريان ٿو ۽ کيس دل سان داد ٿو ڏيان.

پڀاس

هن رچنائن کي جنم ڏيندڙ شاعر اهم. ٻي ڪڙيءَ ”درد“ جو هڪ مجموعو ”چڻگون“ اسانجي نظر ن هيٺان گذري چڪو آهي، جنهن اسانجي دل کي ڇهيو هو ۽ سندس هيءُ مجموعو دماغ کي ڇهڻ جو ٻل رکي ٿو، سا ڳالهه چوندي، مان اڃا هڪ اميد رکان ٿو ته سندس قلم اڃا زور پڪڙيندو، جو، سندس قوت - تخيل کي وڌيڪ پر لڳندا ۽ شڪيل ٻڌائڻ لئي جي لفظن ۾ هيءُ ٻه ڇپي سگهندو.

”هئم ستارون کي طرف، مائل پرواز شڪيل،
دشمنو! تم کو قسم، يون هي تم جلتي رهنا.“

پر، ڪيس درد ۾ اڃا لذت پيدا ڪرڻي پوندي ۽ شڪيل وانگر سرديءَ گرميءَ جي نشيب و فراز کي ليکي ۾ نه آڻي چوندو رهندو:

”پانءِ جل جاء مگر آگي پي چلتي رهنا“

مان چاهيان ٿو ته هن ٻن صفحن اندر سندس خيالن ۽ فن جي خوبين ۽ خامين کي ڇڙي، مختصر ئي سهي، هن شاعر جي جهڪيري تصوير ئي سخن فهمن جي سامهون رکان جا ڪجهه هن طرح بڻجي پيئي آهي:

ڪيس موزون بڻجڻ ۽ شڪست وزن تي قابو پائڻ لاءِ فن جي صلاحيتن ۽ باريڪين جي اڀياس لاءِ اڃا ڪجهه وقت کپندو ۽

”تفاوت“ ظلم، ”اڳي ۽ هاڻي“ ۽ ”ڪهڙو دپ“

جهڙين سطحي رچنائون کي ڇاپي هيٺ آڻڻ جو لوڀ تياڳڻو پوندو.

هيءُ ڪتاب
”نئين روشنيءَ“ ڏنـــو ائس
اهو به مونکي قبول آهي.
هونئن به، ڪير آهي ڀلا
جنهن جو داءَن
فقط گلن سان ڀريل آهي؟
سڀئي وڻ ميويدار نه آهن.
ڀر ڇانو نه انهن وٽ به آهي.
مان ميون ۽ گلن سان گڏ
ڇانو جي اهميت کي مڃان ٿو.
ديال وٽ ميوا به آهن، گل به آهن
ڇانو به آهي، خار به آهن.
جيڪو فقط گل پيدا ڪندو هجي
ان کي ڇڏي ٿا ڏيون.
ٻيا سڀ ديال آشا ڪي،
پنهنجي محفل ۾ هڪ ڪرسي ڏيندا آهيون.
هن مجموعي ۾
هو ڇڱيءَ حد تائين
اڳين ديال کان ڪٽيل
نئون ديال ٿي،
منهنجي اڳيان آيو آهي،
۽ اڳي کان اڳرو آهي،
ڪاش!
ڇهنبڙن کي تلوار جا گهاءَ
ڪري جاٽي ۽ ڳڙندڙ چمڪندڙ
رت جا قڙا،
ديال لاءِ مشعالون ۽ بلب بڻجي پون.

ضرورت نه رهندي جيتري ڪنهن کي اڄ حياءُ ڍڪڻ لاءِ ضرورت هوندي." مان هن خيال کي مولين جي مت گهوڙڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان.

* لغزءِ ڪرسي

"ٻارن جو ٽولو جيئن ڪاٺا ٽيل لغزءِ جي پٺيان پيو ڊوڙي ۽ پاڻ ۾ هٿين ٻٿين پئي لغزءِ کي ڇنهڙن ڇنهون ڪري ٿا ڇڏين تيئن ئي "اڄوڪن وڏن" "سياسي ڪرسيءَ" جي حالت بڻائي ڇڏي آهي." هن قسم جون ٻيون به دلچسپ ۽ دل آويز پڌاريون سنڌس مجموعن ۾ ملن ٿيون ۽ خوب وڻن ٿيون

* سنڌي جاتي

اسان ۾ عادت آهي ته فقط پاڻ پڌايون ۽ پريس ۾ ٽوڙي پليٽفارم ڏئاران پنهنجي واکاڻ پاڻ ڪريون. پر هن شاعر گڻن ۽ اوگڻن کي گڏ ڪري ٽوريو ۽ ٽڪيو آهي. "جتي مان (سنڌي) وڃان اتي ميلو مچائي ڇڏيان. مٺي ٻول سان دشمن کي ماري ڇڏيان ..... پر اهو ئي مان (سنڌي) پنهنجن کان وڌيڪ ڌارين سان پيار ڪريان ۽ شان ٻاهريون رکڻ لاءِ هزار خرچي ڄاڻان."

* زهر جو اثر

اڄ اسان جا ڪوي ۽ شاعر به مئخوار غالب جي ان اوگڻ کي آدرش سمجهي پيئڻ ۽ پيارڻ جي شوق ۾ گرفتار ٿيندا ٿا وڃن، جيتوڻيڪ غالب پاڻ خود فرمايو هو:

"غالب تو ولي هوتا، اگر تؤ نه باده خوار هوتا."

اسانجي هن نوجوان شاعر هن زهر جي تصوير هنئين چٽي

هن جي خوبين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ٿورا چٽڪا بيان ڪرڻ جي مراد اها آهي ته هوءَ فقط پنهنجو حسن پسي آشا جو ڀاءُ پڪڙي سگهي ۽ بس. ساڳئي وقت، مان چاهيندس ته هوءَ وڏائيءَ جي پرن تي چڙهي آسماني سير ڪرڻ يا پاڻ کي سوا سير سمجهڻ جي وهم ۾ نه رهي ته سندس ذات ۽ هنر اڃا گهڻو رنگ لائي سگهندا.

• نئين سچ

رواجي طرح چئبو آهي ته دوست جي پرک ڏکن ۽ مصيبتن ۾ ٿيندي آهي پر هن شاعر هڪ نئون سچ اسانجي سامهون رکيو آهي. لکي ٿو "مترن جي مترتا مصيبتن جي گهڙين ۾ نه پر سکن جي ڏينهن ۾ پرکڻ کپي، ڇو ته، همدردي جتائڻ آسان آهي پر ڪنهن جي ترقي سهڻ (سک سهڻ) بيحد مشڪل آهي." اهڙي نئين سچ جي ڳولها لاءِ منهنجون گهڻيون مبارڪون.

• دشمن کي داد هجي

منهنجي هڪ مصرع آهي:

"اسين دشمن جي وجي پيش پياسين،
جڏهن دوستي زهر هارڻ لڳي:"

ساڳئي موضوع تي هن شاعر جي زباني ٻه گهٽ زوردار نه آهي. اچو ته ڪيس ٻڌون." "شاباس آهي اُن دشمن کي جو دشمني قائم ته رکي ويٺو آهي... پر.... اُن دوستيءَ تي ڪيئن ڪڏان، جنهن زندگيءَ جي ڀرين موڙ تي منهن موڙي ڇڏيو."

• درد جو درد

هيءَ آهي سندس دلي درد جي پڪار: "مونکي ڪفن ڪين اوڍائيجو، ڇاڪاڻ ته اُن ڪپڙي نڪر جي مونکي اڳتري

نسل ملي آهي. هاڻي وڃي ٿو "بلاڪ" وارن ڏانهن. جڏهن اُنهي بلاڪ سندس ڏال نٿي ڳري، تڏهن هو "بنا ٽڪيٽ" جي حال ۾ گهڙيءَ پوي ۽ آزاد اُميدوار طور ڪڙو ٿيو بيهي." آيارام گيارام ۽ باغي اُميدوارن جي کهڙي نه چٽي تصوير ڏيکاري اٿس!

ننڍي ۾ ننڍي رچنا

لفظ فقط ٽي ڪم آندل آهن، پر ڪوزي ۾ درياءَ مثل آهي هيءَ رچنا درد جي.

"اُگهاڙپ هڪ مجبوري،
اُگهاڙپ هڪ فئشن."

وگياني روحاني رهبر

پرورتي ۽ نورتيءَ جو چڪر گهڙيال جي ڪانٽن وانگر پيو ڦري. انسان هڪ وقت جڳت جي پدارٿن ۾ بيحد موهه رکي "مائٽ" کي ئي منزل مقصود ڄاڻي ٿو وهي ته ٻئي وقت انهن مسرتن ۽ عشرتن مان ڪنو ٿي، جهنگل، غارن ۽ گفائون وڃي ٿو وسائي. البت، روحاني انسان جي راهن ۽ موڙن تي ڪڏهن ڪرشن پنهنجي بنسري وڄائي سندن اڳواڻي ٿو ڪري، ته ڪڏهن گوتم ڪين "بدم شرڻم گڇامي" جو منتر سڻائي سندن رهبري ٿو ڪري ۽ پوءِ اجنتا ۽ ايلورا جهڙن اوجهڙ جبلن ۽

آهي: "جيڏن سرن ۾، گلاسن سان گلاس ٽڪرائي، رنگين زهر
ورتائون واري ڪي، سمجهيو وڃي ٿو سوشلزم ۽ سيٺ... ٺ ٺ ٺ...
هو آهي پنهنجي پيل، گونگو ۽ ناسمجھ"

* حالتن جي چٽسالي

"ايمان بڻيو اڄ ماضي آهي،
چورن جي هاءِ اڄ بازي آهي،
ڪنهن کي دانهن ڏئي ڪو ڏيرو،
جي هٿن ۾ قاضي آهي،

ان طرح موجود ماحول جي نقاشي ڪرڻ ۾ به هن سچ-ڻ دلچسپي ورتي آهي.

هن شاعر ۾ پرول ويچار شڪتي نظر اچي ٿي جڏهن هو لکي ٿو "هن سال فيبروري مهيني ۾ ٢٩ ڏينهن ٿيا آهن، جيئن ته هن سال فڪر ۽ پريشانيءَ جا چوويهه ڪلاڪ وڌي ويا." اهي ويچار شڪتيءَ جون باريڪ بينيون آهن ۽ گهرائيءَ ۾ قابل - قدر اضافو آهن.

"ساهوارن جي مال ملڪيت جي حفاظت ڪن ٿا بي جان ڪلف، ڪيٽ ۽ تجوريون، افسوس جو ساهوارن جو ساهوارن ۾ وشواس نه رهيو آهي." انداز - بيان جو هي نمونو ڪافي وڻندڙ آهي.

سياست اڄ زندگيءَ جو اهم حصو آهي. سندس مجموعن ۾ ٿهه پنهنجن رچنائون ان وشيه سان لاڳاپيل آهن. مٿ مان خرار جو پتو لڳائي سگهو ٿا. شاعر لکي ٿو: اميدوار کي "ڪيٽ"

۽ من کي لوڏو ڏيندا ته آخر ان مونجهاري لاهڻ جو علاج آهي ڪهڙو؟

جڏهن هڪ شاستر ۾ لکيو پيو هجي ته ايشور جي اڇا بنا وڻ جو پن به نٿو لڏي ۽ "ڪرڻ ڪرائڻ وارو پاڻ آهي." تڏهن چور ۽ ڌاڙيل ايشور جي ڪورٽ ۾ ضرور اهائي دليلبازي ڪندو ته مون کان چوري ڪرائي وئي آهي ۽ ايشور جي اڇا سان ئي ڪرم ڪيو اٿم ته مون لاءِ سزا ڇا جي؟ وري گيتا ۾ لکيو پيو هجي ته ڪرمن جي ڦل کان ڪوئي ڇٽڻ وارو ڪونهي. اهڙا تضادي (هڪ ٻئي جي اُبتڙ) مثال مان ڪيترن ئي گرنٿن ۽ شاسترن مان حوالا ڏيئي ٻڌائي سگهان ٿو.

اڄ ته ڪي چتر زبان ۽ چرب زبانيءَ وارا پاڻ کي شنڪر جو اوتار يا ايشور جو عيوضي ڪوٺي گمراهيءَ جي طوفاني پرچار ۾ به لڳل آهن، ان ويل هڪ ئي روشنيءَ جو ٽورو نظر اچي ٿو ته ايشور، برهم، جيو، آتما، ڌرم، مڪتي ۽ جڳت بابت وگياني ڪسوٽي ڪم آڻيون. عقل پرستيءَ کي ئي دين ڌرم ۽ مذهب مڃيون ۽ وشواس جي نالي ۾ اند وشواس جو دامن پڪڙي اونده ۾ هٿوراڙيون نه هڻون ۽ ان جو جبرو کنڊن ڪريون

ڀڳوان ستيه ديو، ايرکا دويش گهمنڊ ۽ هنسا کي جيون ۾ داخل ٿيڻ ئي نه ڏنو. هن "ڀلائيءَ لاءِ پيار" ۽ "چڱائيءَ لاءِ پيار" جو سنديش ڏنو. چڱو ٿي رهه ۽ ڀلائي ڪندو رهه. مان جيئن جيئن اونهو سوچيان ٿو تيئن تيئن انهن ٻن ننڍڙن پيغامن کي جيون جي راهه تي ٻن مشعالن وانگر ٽمڪيدار ڄاڻان ٿو.

اهڙن روشني بخش اشارن ۽ هدايتن سان ڀرپور هي پستڪ منهنجي من تي اُڪري ويو آهي.

ايشور ڀڳتي آنند ڇو ٿي ڏئي؟ ڀڳوان ستيه ديو چوي ٿو "ڪلپنڪ ايشور به ڪوڙي آنند جو سبب ٿي سگهي ٿو"

ڀاڳن جي ڪتابن ۾ غفائون جڙن ٿيون ۽ موکشو ۽ مڪتيءَ جا طالب تپسيا ۽ سماڌيءَ جو سهارو وٺن ٿا. جڏهن سنائمي مت موجب هڪ برهمڻيءَ جو جنيل ٻار (چاڪاڻ ته جنم جو براهمڻ آهي) لوڪن کان پنهنجن چرن چمائي ٿو، سندن شاديءَ غميءَ جا ڪارج ڪري ٿو ۽ سندن پترن ۽ مري ويلن جي حق ۾، گره پوڄا جي ڀاڻي مال مليدا ۽ سون چاندي چڙهائي، هڪ قسم جو ڏانڊو ڪري رهيو آهي يا جڏهن مرڪ شرڌن جي سدگتي ۽ سرڳ ۾ ڪونيون روز وڌ ڪرائڻ لاءِ سرٽيفڪيٽ عطا ٿو ڪري. ۽ گيتا ۾ ڄاڻايل برهمڻن جي اصلي ڪرتو يه (برهم جو گيان، وديا پڙهڻ پڙهائڻ، دان ڏيڻ وٺڻ وغيره) سان ڪو ٻه واسطو نه رکي وڻشن وانگر وڻج واپار ۽ ڏانڊو ڏاڙي ڪرڻ، نوڪريون ڪرڻ ۽ دلاليون ڪائڻ جا ڪم ڪرڻ ۽ مورتين ۽ پٿرن جي پوڄا جو پرچار ڪندو نظر اچي ٿو، تڏهن دياند جهڙو شخص گرجدا ڪندو پاکنڊ جو ناس ڪرڻ لاءِ جنم وٺي ٿو.

جڏهن ڌرم جي الڪن **سچ، اهنسا، تپسيا، مذرتا، نرملتا پوترتا، ۽ سهڪار** جي ڪنهن کي ياد به نه رهي ۽ چوٽي رکائڻ ۽ ڏاڙهيون مڇون سنڀالي رکڻ، جٽيو ڳچيءَ ۾ لٽڪائڻ يا ٺهر ڪرائڻ، سومر ڏينهن مهاديو جو درشن يا آرتوار ڏينهن ديول ۾ حاضري ڀرڻ، گرو گرنٿ صاحب تي چوڻر جهلائڻ يا شريمد ڀاڳوت تي رومال چاڙهڻ، نوارتن ۾ جاڳرتو ڪرڻ يا سٽ پرشن جي جنم ڏن تي لنگر ڪرائي چگن پلن، ٽازن لڪڙن هوند وارن وڏن ماڻهن يا ٽڪاڻن جي سائن ٻاون ۽ ميمرن ۽ مهيرن کي مانيون کارائڻ يا کين گهر ويٺي پرساد پهچائڻ کي "ڌرم جي پيروي" سمجهيو ٿو وڃي، تڏهن ضرور ڀڳوان سنتن ديو جهڙن رهبرن جو جنم ٿيندو جيڪي اسان جو ڪن ٻڪڙيندا

سمجهندو آهيان. ڌرم جيڪڏهن سرلتا مڌرتا وغيره گڻن جو نالو آهي ته هو هڪ ڌرماتما شخص آهي. مان سنڌو نگر جي هزارن ماڻهن جي سمپرڪ ۾ آيو آهيان ۽ مان جيڪڏهن سنمان جوڳا ڏهه شخص به چونڊيان ته هنجو نالو انهن ڏهن جي فهرست ۾ اوس رکان.

ڪتاب عقلمند ۽ ٻڌيمان ماڻهن لاءِ سانڍڻ ۽ عمل ڪرڻ جهڙو ٿيندو. باقي جن دماغ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن ۽ دل جي ڪمري کي ڪوئي ڪارو رنگ لڳائي رکيو آهي انهن ڪم بختن لاءِ مان ڇا چوان؟

اروشي

هولارام هميشه استريءَ جي سندرتا جو متلاشي آهي. هن هڪ رولاڪ جي زندگي ڪاٽي آهي ۽ ڌرتيءَ تي ڦهليل جادوءَ پري سونهن جو سڪ ماڻڻ بعد هو چندر لوڪ ۾ پهتي ويو آهي ۽ "چنتامڻي" جي پهرين نگاهه سان ئي نهال ٿي ويو آهي. ليڪ ان کي پيار وچان "اروشي" ٿو ڪوٺي. سندس اڳيان ڪتاب ۽ هيءُ ڪتاب گڏي پڙهبا ته سندس جيون درشن جو بيان هڪ سٽ ۾ هيئن ڪري سگهبو. "سندرتا لاءِ پڇڪندڙ، سندرتا جو قدردان، سندرتا جو ماڻيندڙ" ڪڏهن پاڻ کي اڏائي ساٿوڪ سندرتا جو ديدار ڪرائي ته ڪڏهن

جيئن علم جي پردي ۾ هڪ ٻنهن ۾ سڀني جا ظلم ٿيندي نيٺ ڪُڙي پوندا آهن، حالانڪ ٻڪا اها سڀ ٻڪا اُها ٻنهن ٻڪي اُهي ظلم ڪو سچو سچ آهن. هيءُ دل، ڪي چوريندڙ دليل، دماغ مان نڪاءُ ڪيائڻ جهڙو دليل آهي ۽ اوس ويچارڻ جوڳو آهي. ايشور اندر ۾ ويٺو آهي ته ٻه ديو ڳڻن جو زور ڇو ٿو وڌي؟ هوُ آنند مئه آهي ته ٻه اسان جي اندر ۾ آنند جو احساس ڇو ڪين ٿو ٿئي؟ اسان جو من ايشور کان ٻه بلوان آهي ڇا جو پنهنجون اڇائون زوريءَ ڏٺاءُ، چوي ٿو ڳي، بي اصافي ڪري ٿا وٺون ۽ ايشور ويچارو هڻجي، ويٺو ڏسي ۽ ڪارو ڪ نـوڪ ٿي ٿو وڃي؟ سوال اٿي ٿو ته مڻان هو اندر ۾ آهي ئي ڪونه ۽ اسان ان انڌ وشواس ۾ آهيون ته هوُ اندر ۾ ويٺو آهي.

ڀڳوان سڀني ديو جو سڀهو آهي ته وشو لاءِ پيار ۽ مٺش ماتر جي ڀلائيءَ جي اون هجي. باقي ڪن کي هندن لاءِ پيار ۽ مسلمانن لاءِ نفرت هجي يا ڪن کي مسلمانن لاءِ پيار ته سکن لاءِ نفرت هجي يا ڀارت لاءِ پيار ته چين لاءِ ڌڪار، ڌرم جا انگ ڪيئن ڇئبا؟ ڪڏهن اُپائڻهار ۽ ڪاٽڻهار هڪ ئي آهي ته مٺش جون قوتون هڪ جهڙيون ڇو ڪين آهن؟ دماغي طاقت دلي طاقت، شهواني طاقت گهٽ وڌ ڇو آهي؟

اهي ۽ ٻيا اهڙا سوال عقل جي ترازيءَ ۾ تورڻا ويا آهن، جنهن ڪري ٻه هي ڪتاب پڙهڻ ۽ هنبائڻ لائق آهي.

ڪتاب جي ليکڪ شري ڀاون سنگهه آلريچا کي مان ڪن سالن کان سڃاڻان ٿو مون سان ملندو رهيو آهي ۽ ويچارن جي ڏي وٺ ڪندي مون کيس سلجهيل دماغ ۽ سونهيءَ دل وارو شخص ڪري ڄاتو آهي. هن جي ودوتا، نيڪ نيتي ۽ سچ جي طرفداري ڏسي کيس بيحد عزت جي نگاهه سان ڏسندو آهيان ۽

وقت، وٿيون، وڇوٽيون

ڪلا پرڪاش هن ناول جو نالو رکيو ها "ڪال بيل ۽ ڊور بيل" اهي ٻئي لفظ بار بار پڙهجن ٿا ۽ بار بار نوان نوان ديدار ڪرائين ٿا ۽ ڪهاڻيون سڻائين ٿا.

هڪڙي آهي سويتا، ان جو گهوٽ آهي ڪشن. سندن ٻه ٻار آهن مهيش ۽ پرڪاش. ڪشن جي ماءُ هنن جي گهر ۾ رهندي آهي ۽ سندن پيءُ ٻئي پٽ وٽ رهندو آهي. ٻئي ڏيراڻيون سويتا ۽ ديوڪي نوڪري ڪنديون آهن. هنن جا ٻار ڪيئن پلجن؟ حل اهو ڪڍيو اٿن ته پيءُ هڪڙا پوٽا سنڀالي ته ماءُ ٻيا پوٽا سنڀالي - وچ ۾ ڪم ڪاج واريون مايون به آهن.

سويتا ٽيليفون آپريٽر آهي. سڄي ناول ۾ فقط پنجه صفحا ڪن والاريندڙ وتسلا ساڳئي ٽيليفون بورڊ تي ڪم به ڪندي آهي ۽ سويتا کي معشوق عورت سمجهي مرد عاشق جيان پيار به ڪندي آهي ... وتسلا هن ناول جي جان آهي... نه هجي ته ناول جو ملهه اڌ ٿي وڃي.

سويتا جو من نوڪري ڪندي سٽل آهي پر ڪشن کي ٻارن کي بابا کي اميءَ کي ۽ پپل جي وڻ کي ڏسي مس ته نوڪريءَ کي هڪ سراپ ڪري سمجهي ۽ سندس من سڄاڳ ٿيو وڃي... پر پوءِ به نوڪري ڪندي ايندي آهي. وچولي ڪلاس جي مجبوري.

مزو ٿو لڳي جڏهن سويتا موڪل تي وڃي ۽ موڪلون خوب ڪاٽيندي رهندي آهي يا مهيني جا ڇهه ست ڏينهن ته موڪل آهي ئي آهي.

بس ... موڪل جو ڏينهن ٿيو ۽ سويتا جي من جي اڏام

سندس من ۾ راڳس ۽ ناچس جذبا پيدا ڪري يڪتائي به سگهي ٿو.

گل ۽ ڦل - وسنؤ ۽ وڪار - مدهوش ۽ متوالو - قدرت ۽ ڪائنات - ڪايا ۽ مايا - مورت ۽ صورت - جلوو ۽ جمال - عمدي ۽ عليحدي - لهر ۽ لوڏو - آب ۽ تاب گيمع ۽ سنگيت - الهاس ۽ آنند - مٺاس ۽ موسيقي - رنگ ۽ روپ - نفاست ۽ نزاڪت - تازا ۽ تندرست - سهڻي ۽ سڊول - مرڪ ۽ مٽڪ - لوڏ ۽ لٽڪ - موهيندڙ - پاڻ ۽ پوڄا اڏا ۽ آکيرا - حسن ۽ حياءُ - محفلون ۽ مجلسون - ويس ۽ وڳا اهڙا ٻيا ٻيا هم معنيٰ لفظ جنهن، جنا ۽ ڪتاب ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا هجن تڏهن اهڙا ڪلڪراني هولارام هنس جي ئي ٿي سگهي ٿي. مطلب ته هو هاڻي پنهنجو ليکڪ ٻڻجي پنهنجي خاص قسم جي عبارت جو ڌڻي ٻڻجي چڪو آهي.

هن چندر لوڪ جي رمڻيءَ ڪي ڌرتيءَ جون ڳالهيون ٻڌائيندي جيڪي ذڪر زبان تي آندا آهن، انهن مان ڪٿي وشو برادري، ڪٿي عالمگير امن، ڪٿي پوليوار ايڪتا، ته ڪٿي سماجواد ته ڪٿي سنڌيت جا پيغام پيو ڦهلائي. هو ست ڪرمڻ ۽ سندر ساهتيه جو سرجڻ ڪرڻ جو ڪانکي آهي. منهنجون کيس گهڻيون مبارڪون ۽ دعائون!

شيخ اياز پرچو - سپون

شيخ اياز چيو آهي ته هن وهيءَ جي موڙ تي مون ۾ انسان جي انت ۽ ان کان اڳتي تي سوچ ۽ ويچار فطري آهي ۽ ڌرتيءَ سان منهنجي ڪمٽمينٽ جي آڏو نٿو اچي. مارڪسزم جي جدلي ماديت اج هڪ مدي خارج فلسفو تي چڪو آهي، پر جڏهن وقت اهو ادب اُتساهيندو هو، تڏهن وقت به دنيا جي عظيم ڪميونسٽ شاعرن ۾ ڪيئي اهڙا شعر ملندا، جي ان فلسفي سان مطابقت نٿا رکن.

چئبو ته ترقي پسند ليکڪ جڏهن "مست - پڪي" آدرش جي هام هڻندا هئا، ان تان هو هر طرح دست بردار آهي ۽ صاف صاف چئي ٿو ڏئي ته ٻڍاپي ۾ هو هاڻي انسان جي انت ۽ موت کان پوءِ مڪتي يا پنر جنم يا آتما پرماتما جي ميلاپ بابت سوچڻ کي فطري ٿو سمجهي.

ائين ته ناهي ته جداب هري دلگير کي ان ڪري ئي سندس هاڻوڪي شاعري اوتري ڪشش نٿي ڪري جيترو رس ۽ جس اڳ حاصل ٿيندو هوس- هو لکي ٿو: سندس (اياز جي) تازي شاعريءَ ۾ اڳيون دم ۽ اڳين اُڇل ۽ اُڏام نه آهي... "اُڀر چنڊ پس پرين" ۽ "راج گهاٽ تي چنڊ" ۾ هن جا هائڪو جڻ ته ڪو لفظي راند آهن ۽ فني غلطيون به ڪافي آهن... پوءِ به اياز شاهه لطيف کان پوءِ (ٽن سون سالن ۾) ٻيو نمبر شاعر ته آهي ئي.

اُتم جي مضمون ۾ اياز تي ٿيل تنقيد جو اڙانٽو جواب ڏنل آهي ۽ دليلن سان انهن آلوچڪن تي آلوچنا ڪيل آهي. مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، پوپٽي هيرانندڻي، ڪلا پرڪاش، ڪملا گوڪلاڻي، شيام جئسنگهاڻي، ماهتاب محبوب ۽

ڇڏيو، آزادي ڇڏيو، آوارگي ڇڏيو يا فلسفاڻو سفر ڇڏيو، شروع ٿيو وڃي. ان رولاڪ ۽ جڳياسو من جي ٻڪيءَ جي هيءَ ڪهاڻي آهي - ان ٻڪيءَ جا سچا دوست آهن آسمان، پپل جو وڻ، هڪ ڪاري ڪوئل ۽ برسات جون بوندون. ڪم هاج وارين مائين بابت، آفيس جي صاحبڙين بابت، ٻارن ۽ گهوٽ بابت، سس ۽ سهري بابت، وتسلا بابت، ٽرين ۽ بس جي مسافريءَ بابت، آفيسن بابت هن جا آزمودا، مشاهدا، ڀوڳيل ۽ ماڻيل گهڙين جا مزا موجون نخرا ۽ نخوتون يا جذبن جا سڏڪا! مطلب ته سڀڪجهه پڙهڻ وٽان آهي ۽ وري وري پڙهڻ وٽان آهي مون هيءُ ناول چار دفعا پڙهيو آهي ۽ پنجاهه سال اڳ جيئن "طوفاني رنگ" ناول نوجوان صاحبڙين ۽ دوستن کي شوق سان ٻائي جي مڙهيءَ ۾ ويهي پڙهي ٻڌائيندو هوس، تيئن هاڻي هيءُ سڄو ناول پنهنجي ڌرم جي ڌيءَ کي ويهي هڪ ئي بيٺڪ ۾ پڙهي ٻڌايو اٿم. پنهنجن پنجن ناولن وانگر.

پنهنجي هن ڪڪيءَ کي هن ناول جي هڪ ڪردار مس ريلواڻيءَ سان پيئيندي ڏاڍو ئي لطف آيو اٿم. جنهن کي سريتا جو پيءُ ڏاڍو پيائيندو هو ۽ سندس ماءُ ڏاڍو پڄرندي هئي ۽ وري محسوس ڪندي هئي ته بي سبب ڇوٽي پڄران!

خير... هن ناول بابت وڌيڪ ڪن صفحا لکڻ جو موهه ٿياڳي فقط ايترو چئي ڪفايت ڪندس ته سنڌيءَ ۾ هڪڙو به ليکڪ (مالهيءَ سميت) ڪونهي، سمجهيم جنهن جا سڀ ناول ڪلا پرڪاش جي پنجن ئي ناولن وانگر منهنجي دل تي ڇانيا پيا هجن - ڪلا پرڪاش جا ناول اهڙا "خاص" آهن مون لاءِ.

نه ته مالهيءَ جا چار، سندريءَ جو هڪ، ڪلپنا جا ٻه وشنو ڀاٽيا جو هڪ ۽ آنند ڪيماڻيءَ جو هڪ ناول سنڌيءَ جا شاهڪار ناول لڳندا اٿم.

جني اُڄ اندر ۾

سنڌي ساهتيه جي هن پوڄاريءَ کي مان سالن کان سڃاڻان
هڪ ٻئي کي آدر سان ڏسڻ جي واٽ هئي. ٻيست سنڌي
سڀا جو روح روان رهندو آيو آهي ۽ منهنجون رچنائون حاصل
ڪرڻ لاءِ خط و ڪتابت جو معمولي رستو به اسانجي وچ ۾ رهيو
آهي. ٻيست وارن ٻه دفعا منهنجا اصلوڪا ناول
"ڪيهه ۽ باهه ۽ راجڪماري گيتا" پڻ پنهنجي ساليانيِ پشپ
۾ شايع ڪيا هئا.

ڪن ڪالمن ۾ سندس چيدا متفرق جملا ۽ ڪڏهن ڪڏهن
مضمون ۽ ليک .... ۽ پوءِ .... ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ
مليم.

ڪوپري ڪالوني جو اهو چونڪ به ڏٺو اٿم، جتي ڪنڊ
واري "هسيجا ڪارنر" آهي ۽ اُن مڪان جي اها دري ٻه
مون ڏٺي آهي ۽ ياد آهي جا هن پوڄاريءَ لاءِ وشال مندر
جي دروازي جي حيثيت پائي چڪي آهي. جڳت جو اهو
حصو ۽ پرٿويءَ جو اهو ٽڪرو جتي هن پوڄاريءَ جون اکيون
آهن، اُن دريءَ مان نظر اچيو وڃيس. ان دروازي ما ليئو پائي
جڳت جي ان حصي يا پرٿويءَ جي ان ٽڪري جو ئي نه وشال
برهمانڊ جو به کيس درشن ٿيو وڃي. اها دري آئينو بڻجي
کيس سندس چهرو پڻ ڏيکاريو وئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن دوربيني ۽
خوردبيني بڻجي ننڍي ۾ ننڍيون توڙي وڏي ۾ وڏيون چيزون
۽ وارداتائون به ڏيکاريو ڇڏيس بلڪ ڏکڻ قطب کان اُتر قطب
تائين به پهچيو وڃي.

اپوءِ کي ڪٿي، هن رچناڪار کي رچنائون اسانجي اڳيان

رسول بخش پليجي ۽ ٻين جي مضمونن سان سينگاريل هيءُ پرچو نهايت شاندار سوغات آهي جنهن مان "سچون" جي ايڊيٽر تاڪر چاولا جي صادق جذبي ۽ محبتي محنت ۽ سمپادڪي لياقتن جي چٽي جاڻ پوي ٿي. سڀئي سچون هٿن ۾ جهلي موتين جي ورکا ڪندي ٿڪبو ئي ناهي.

پوپٽي هيراننداڻيءَ لکيو آهي:

شيخ اياز هاڻوڪي يگ جو وڏي ۾ وڏو سنڌي ڪوي آهي... جيترو ئي وڏو شاعر اوترو سندس جذبات گهري. ان ڪري اياز جي سنڌ سان محبت ۾ شدت آهي... اسان جي شاعر اياز جي شاعري ڪائنات جي سندرتا جي نشي ۾ خود ئي چور آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻي ڪيس "سنڌ جي صدا" سڏيندي لکيو آهي: هن شاعر جو وشواس پختو ٿيندو ٿو وڃي ته انسان تاريخ جي وهڪري کي به موڙي سگهي ٿو. اياز لکيو آهي:

"آءٌ امرت آهيان آدي جڳادي
چوٿو مدادي، ڦيرين مهنجي موت جي!"

"شاهه، سچل، سامي" سيمينار تي آيل اياز جيڪا لکيل تقرير پڙهي ۽ جا مون پڻ سندس سامهون ويهي ٻڌي هئي اها ته هن پرچي جو تت آهي. هيءُ ڪنهن مخزن جو پرچو نه آهي پر سانڍي رکڻ جهڙو مقدس ڪتاب آهي ۽ شيخ اياز جهڙي نر شاعر لاءِ ودوان اديبن ۽ عالمن سڳورن جي عقيدت جي گلن جي ورکا آهي.

پنهنجي ٻن بيتن سان سماپتي ڪريان:

"مون لئه شعر اياز جو جهڙي چوڏس رات
ڏنڌو ڏنو چٽڪار ۽ گسوم گرم جذبات"

ميہ ٻڌايو آهي ۽ انهن کي پيار ڪرڻ لاءِ لاليايو آهي.

مون انهن صفحن ۾ ٽڪڙيل ٽڪڙيل سنڌي لفظن کي ٻيهار ڪيو آهي ۽ انهن کي ڪٺو ڪري ڪين کي صورتون ڏنئي ڪي چتر ٻڌائڻ واري چترڪار هولارام هسيجا "هنس" کي ٻه....

پيبج پراڻا داغ نوان

هري تلواڻي نوجوان سنڌي ليکڪ نظم ۽ نثر تي قلم هلايو آهي. پر اُن کان وڌيڪ ڊراميڪي ميدان ۾ مقبوليت حاصل ڪئي اٿائين جو ڪلا ۽ ساهت جي وڪاس لاءِ هڪ سنسٿا جوڙي، ان جو روح روان بڻجي، بيحد مشغول ٿي رهيو آهي. ۽ تلواڻيءَ سنڌي جاتيءَ جي ادبي ۽ تهذيبي کيتر ۾ چڱي سرگرمي ڏيکاري اٿس. "ساهتيہ ڪلادرسني" جهڙو يادگار ڪتاب جوڙي مثر بڻجي پيو ۽ شاباس ڪٽي اٿس پر صبحاڻو ٻه ڪمس وساري نہ سگهندو.

نہ فقط ڀارت ۾، پر سنڌ ۾ رهندڙ ليکڪن، شاعرن، ڪلاڪارن، رسالن - مخزنن، اسٽرين توڙي پرشن سان لکپڙهہ ذريعي ۽ ڪڏهن موقعو ملڻ تي، روبرو ملاقاتون ڪري ڪين ويجهائي، تان ڏسڻ ۽ پرکڻ جي لوچ رکي، ڏينهن رات انهن بابت سوچيندي، نئينڙي پيڙهيءَ جي صحبت واريون گهڙيون چوائيندي، هن جدهن لکن، آساهہ ۽ ٻوليءَ جي خدمت سان

رکيون آهن. مٿاڇري نظر وجهندي ٿي ڏسي وٺبو ته نظارن کان وڌيڪ ليکي نگاهن کيس چريو ڪيو آهي. بيجان سندرتا ٿي موهت ٿئي ٿو، پر اها سونهن جا ڪن اکين جي ڏاٽڪين ۾ چرپر ڪري ٿي دل جي ڌڙڪي سبب سيني جي سماڌين ۾ زلزلو پيدا ڪري ته، هي پوڄاري پنهنجا پير پڄتا جهلڻ لاءِ جي فاڪشي ڪندو نظر اچي ٿو ٻونکي ان جذبي لاءِ قدر آهي مان ان کي جماليائي حسن جي جادوءَ کان گهٽ نٿو سمجهان

ڪوپريءَ جي اُشا، احمدنگر جي ڪملي، مهابليشور جي موملِ ڪشمير جي ڪلي، ٻڙ جي وڻ هيٺان اڳيون جنم ڳولهيندڙ ميري، ۽ گرمک جي گوپي ناسڪ ۾ نئون جنم وٺي راڌا بڻجڻ بعد ٻه گرمک کي سجدهه ڪندڙن گوپال ۽ ڪرشن، سهڻي ۽ مهيوال جا نوان نالا رکيل آهن جڻ! هي سندس سورميون آهن.

پريرا! تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان

رام پنجواڻيءَ جي مهانتا ۽ ممتاز شخصيت جا جيترا روپ آهن اوترا سبب آهن، پر ساهت اڪاڊميءَ جي انعام کٽڻ لاءِ هن جو جيڪو ڪتاب چونڊيو ويو هو، ان ٿي ڪافي واد و واد ٿيو هو. مون ان ڪتاب جي هڪ ڪهاڻي سندس گهر ۾ سندس ئي ڪتاب مان سندس زبان سان وڃي پڙهي هئي. مون پڇيو هو: ان هڪ ڪهاڻيءَ کي ٿي ساهت اڪاڊمي انعام حاصل ڪرڻ جو حق آهي ته باقي واد وواد ڇاني؟

رام پنجواڻيءَ جي انوکن آزمودن وانگر هي ڳڪو به هن اديب جي شخصي آزمودن ۽ انيو ڪيل واردائن ۽ ماڻيل عيش ۽ ڪليش جي تصوير ڪشي آهي. رچنائن ۾ رس اڪري به آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي هن ايپاسيءَ سنڌ جون ۽ وڏن جي ڀڳڻ ٻولن جون چاشنون چکائيندي رچنائن کي سنگيت

رهي آهي. ڪهاڻي ڪلا جي ٽيڪنڪ ۽ هاڻوڪي درجي سابيس آلوچڪ وڌيڪ اختياريءَ سان لکي سگهن ها، لکهن ڪري مان ان قسم جي رائي جي وڌيڪ اُپٽار ڪرڻ کي ڇڏي ٿو ڏيان. ٽيئين ڪهاڻي ۽ اڪهاڻيءَ جا پرستار ته شايد هنن ڪهاڻين کي ڇهن ب ل - ادب آئيندو آهي زندگيءَ جو، ۽ اديب پنهنجي ماحول جو عڪاس آهي پوءِ به مان پاڻ کي مڃائي ن سگهيو آهيان ته جيڪي جيئن آهي تيئن ئي پيش ڪجي. مان سمجهان ٿو ته اديب لاءِ ضروري آهي ته صورت جيئن آهي، تيئن ڏيکارڻ کان پوءِ فنڪارانه نموني اهو اوس ٻڌائي ته سندس پنهنجي اٿوُ ۽ آزمودي موجب، هن سرشٽيءَ جا پراڻي اڃا وڌيڪ ڏلڪش ٿين ته ڪيئن ٿين؟

مان سمجهان ٿو ته هري ڏنواڻيءَ هن ڏس ۾ پاڻ موکيو آهي.

★

وفائيءَ جو ثبوت ڏنو آهي، تنهن تي مونکي ناز آهي. هيڏا
جوان ڏسي اسان جهڙن کي اها چنتا نٿي رهي ته اسان ڪالهوءِ
ڇا ٿيندو؟ هيءُ ٻولي ماتا جا رکوالا، خبردار ۽ نگهبان وينا آهن ته
ٻوڙا وڃي ٻيڙي لڳندا.

هنن ڪهاڻين ۾ رومانوي رنگ هوندي به، ڪنهن قسم
جو پيغام ڏنل آهي ۽ اهو پيغام ٻڌڻ کان وڌيڪ استرين جي
سمبنڌ ۾ ڏنل آهي. پورس عورتن جي من جي صورت کي
ڪاغذ تي چٽڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. مصنف، عورتن
جي جذبات جي عڪاسي ڪندي، سندن مصمم، نفرت خوشي
غم، ڪمزوري، بهادري خودداري، خودي، آتم مريادا لوڪ
مريادا، دل جي گهرائي ۽ آس پاس جي ڪوڪلائپ تي ڪلڪراني
ڪندي، چڱا چٽ چٽيا آهن. سندن خاموش لڙڪن، دلي
تمنائن، روايتي بندڻن جي پڪڙ ۽ آزاد اڏام جا مثال، گهٽيءَ
واقعا ۽ وارداتون، رنگ برنگي ڍنگ سان نڙيا پکڙيا پيا آهن. هن
شبدن جي داڻن کي سموئي، افسانن جي ڌاڳن ۾ اڪائيندي،
ڪن مالهائن جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪي مالهائون
خوبصورت آهن، ڪي داڻا ڪچا نظر ايندا. ڪهاڻيون نڪي
محلاتن مان آيون آهن، نڪي کيتن ۽ کليل ميدان مان. وچولي
درجي جي ڪلارڪي جيون جون گهٽنائون، رواجي گهرن،
ٻالڪن ۽ ٻڍڙن جي ڪمرن ڪوٺين ۾ زندگي پائي، تيز اک
۽ چست قلم جي ڇهاو سبب جوان ٿيون آهن ۽ جوائي آئي
هئي ته دلڪشي هي آ جائي! هئي بس-

اڄ، سنڌي ڪهاڻي سنڌري آتم-ڪهاڻي ۽ گوبند پنجابيءَ
وٽ نڪاءُ ڪائي، گني سامتاڻي ۽ موهن ڪلپنا وٽان چڪر
هڻي، ڪرشن کٽواڻي ۽ ايشور چندر کي منهن ڏيکاري،
وشنو ڀاٽيا ۽ آنند ڪيماڻيءَ کي ولائي، اڳتي اڳتي وڌي

جدا مذهبن ۽ ڌرمن جي مڃيل پيروڪارن ۽ انهن جو آپريشن ڪرڻ سان سچ پچ جراحت جو ڪم ڪيو آهي ۽ ويڪت ڪرڻ لاءِ هن جون مرادون بلڪل نيڪ آهن، هڪ همدرد سڄاڻ سرجن جهڙيون.

هن شخص، پنهنجي جيون سفر کي سڦلو ڪرڻ لاءِ، "سچ جي ڳولها" جهڙي ڪٺن واٽ ورتي آهي. تحقيق، اهائي زندگيءَ کي معنيٰ ڀريو بڻائي ٿي. منهنجي نظر ۾، ڪو به درشن يا فيلسوفي ڪڏهن هڪ شخص جي ملڪيت بڻجي نٿي رهي ۽ اها ٻين مترن تائين پهچائي ٿي وڃي ته جڻ هڪ قسم جي سماجڪ شيوا بڻجي ٿي پوي ۽ اڄ نه سڀان اهو شخص سماج وٽان قدر شناسي حاصل ڪرڻ جو حقدار بڻجي ٿو پوي. ڪڏهن نه، مٿي پڇاڙا ئي اهڙن انسان جي مٽيءَ جو مان ٿيو آهي.

هندي سنڌي ٽيچر — سنڌي ٻال ٻوڌ

مٿيان ٻه ڪتاب ڊاڪٽر ارجن شڪايل لکيا - مهاڳ پروفيسر پوپٽي هيرانندڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي لکيا - اهي ڪتاب ٥-٧ دفعا وري وري ڇپيا ۽ هزارين ڪاپيون مفت ۾ ٻه وراهيون ويون جيئن سنڌي لپي ۽ ٻولي نه ڄاڻندڙ ٻالڪ ۽ ٻالڪيون هڪ ٻئي مهني اندر گهر جو گهر ۾ خود پڙهي سکي سگهن.

وشو ۽ وشو پتي

پارکو صراف کي ڏوهان به گهڻيءَ جا هار قيمت ڪٿڻ لاءِ ڏيو جن مان هڪ پردان منتري اندرا گانڌيءَ جو ۽ ٻيو هڪ ڪسان جي زال جو هجي. پارکو صراف لاءِ مناسب ٿيندو ته هو هارن جي مالڪن جي پوزيشن ۽ پدويءَ کي نه ڏسي، مالهائن کي ڏسي قيمت ڪٿي. پنهنجي انهو کان سواءِ ڪانٽي ۽ ڪسوٽيءَ سان به انهين هارن جي تور ۽ تپاس ڪري- تڏهن ئي هو صحيح ملهه ڪٿڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.

ساڳيو سڌانت هر قسم جي پرک سان لاڳو آهي. اسان جي اڳيان به جدا جدا قسمن جا ويچار اچن ٿا. انهن ويچارن کي ظاهر ڪندڙ ويچار وان جي پوزيشن ۽ پدوي نه ڏسي جيڪڏهن انهن جي ويچارن جي اهميت ۽ اصليت کي ڌيان ۾ رکي انهن جو ملهه ڪٿيندا ته ان ۾ ڪامياب ٿيندا. نه ته، نه!

هن ننڍڙي پر اهم ڪتاب جي ٿورن صفحن ۾ هڪ وڏو ۽ وشال سوال پاٺڪن اڳيان آندو آهي. سوال آهي ته "هيءَ وشو خود بخود ٿي آهي يا هن جو ڪوئي پيدا ڪندڙ (هلائيندڙ) ۽ سنڀاليندڙ به آهي؟ جنهن کي وشو جو وشو پتي چئي سگهجي!

هن سوال جي نرڻي (فيصلي) ڪرڻ لاءِ گهربل مصالح، مختصر ٿي سهي، ڪافي انداز ۾ پيش ڪيل آهي. هاڻي پاٺڪن لئي ڇڏيل آهي. هاڻي پاٺڪن لئي ڇڏيل آهي ته متئين سڌانت موجب خود ئي پرک ڪن.... ۽ پوءِ صحيح ويچار کي عملي بڻائين ۽ غلط ويچار جي پچر ڇڏين.

ودوان ليکڪ پاون سنگهه للريجا شاسترن ۽ گرنٿن ۽ جدا

رنگين پڙاڏا

ساٿي ٽيڪچند مست سنڌي ادب کان وڌيڪ سنڌي اديبن سان لهه وچڙ ۾ رهندو آيو آهي، تنهن ڪري سنڌي اخبارن ۽ مخزنن واچيندڙ، ڪيس ادبي مشغولين ۾ اڳيري سرگرم ۽ سجاڳ ڪم ڪندڙ طور اوس سڃاڻندا هوندا.

رهي ڳالهه سندس رچنائن جي. هيلتائين، ٻين گهڻن وانگر، مان به ڪيس شاعراڻي محفل جو زنده رکڻ ڪري ڄاڻو سمجهندو هوس؛ جيتوڻيڪ، گاهي گاهي سندس ليک، آکاڻيون ۽ مذاقي چٽڪا به نظر پيا چڙهندا هئا. سو اڄ هي چيزون پڙهي مست جو نئون مهانڊو نظر آيو اٿم.

اسين سنڌي ادب ۾ مذاقي چيزن جي ٻڪ محسوس ڪندا رهيا آهيون، پر، اڄ لڳي ٿو ته ڪي پوشيده ۽ اڻ ڇپيل ڪاوشون به سج جي روشني ڏسن ته ڪيترا خال پورجي سگهن ٿا. مست جيڪڏهن، هن راهه ۾ ٻه ٽي قدم ٻيا به کنيا ته هڪ خاص شاخا سنڌي ادب جي، مالامال ٿي سگهي ٿي.

مست جي هنن چيزن ۾ ڪٿي ڪٿي ٻئيءَ عبارت جون جهلڪون ملنديون ته ڪٿي وري ڪچايون نظر اينديون. ٻولي رنگين ۽ مذاقي ته آهي ئي، پر محاورا ۽ چوڻيون به چڱي نموني ٺهڪايل ۽ ڦهڪايل آهن. اسان سمجهان اُهي جن سنڌ ۾ سنڌي ادب سان سنگت ڪئي ۽ ٻوليءَ جو چڱيرو اڀياس ڪيو سي اڄوڪين لکڻين مان گهڻي قدر مطمئن نه ٿيندا آهيون. ائين ئي ٻوليءَ جي اڀياس جي ضرورت اڄا مست کي به محسوس ٿيڻ کپي؛ ٿيندي هوندي.

مست جي مرضي هئي ته مان هنن لطيفن تي ڪا نظرثاني به ڪريان پر مون کيس چيو: "تون ان شاعر وانگر چوٿو ٿيڻ

By : Dr. Arjan Sikayal

A. Poetry	**نظم**
1. Anarkali (Khand Kaviya)	انارڪلي
2. Ghumee Vanj Sindhunagar Ray yaar	سنڌونگر
B. Biography	**جيونيون**
3. Indira Gandhi (Award Winner)	شهيد اندرا گانڌي
4. Lenin (Award Winner)	لينن جي جيوني
C. Novels	**ناول**
5. Hik Purush Tay Istryun	هڪ پرش تي استريون
6. Khapah Aeen Baah	کپهه ۽ باهه
7. Rajkumari Geeta	راجڪماري گيتا
8. Nari-Tunhinja-Roop-Anek	ناري! تنهنجا روپ انيڪ
9. Tapasya Tutee Pei	تپسيا ٽٽي پيئي
D. Essays	**مضمون**
10. Hindu-Felsufi-Jo-Sandesh	هندو فيلسوفيءَ جو سنديش
11. Adab Ain Adib	ادب ۽ اديب
12. Dahan Khatan Main Geeta	ڏهن خطن ۾ گيتا
13. Sindhi Sahitkaran-Jo-Album	ساهتڪارن جو آلبم
E Critieism	**تنقيد**
14. Sindhi-Jo-Khoon	سنڌيءَ جو خون
F. Educational	**تعليمي**
15. Hindi Sindhi-Teacher	هندي سنڌي ٽيچر
16. Sindhi Ball Bodh	سنڌي بال بوڌ
G. Medical	**صحت بابت**
17. Tunhijay Randhnay Mein Tuhinji Ispatal	تنهنجي رڌڻي ۾ تنهنجي اسپتال
18. Sihat Tuhinji Salaah Muhinji	صحت تنهنجي صلاح منهنجي
19. Ghufaun Ji Yatra	غفائن جي ياترا

زندگيءَ جو آئينو

سنڌي ساهت ۾ جڏهن به نئون شخص چار ورقن لکي ٿو ته هڪ قسم جي اميد جاڳي ٿي ته اسان جي نئين پيڙهيءَ ۾ به ڪي آهن، جي نه فقط سنڌي ساهت پڙهن ٿا، پر لکڻ جي شروعات ڪن ٿا. نه ته انگريزي ۽ هندي تعليم ڏانهن سنڌي جوانن جو ۽ مائٽن جو لاڙو ڏسي نراسائي نظر ايندي آهي.

لتا ٿهلياڻيءَ پختگيءَ سان قلم جهليو آهي ۽ سماج جي مسئلن جا موضوع هن ڪهاڻين ۾ کڻي، خاص طرح محبت ۽ صحبت جي بيان ۾ بيباڪي ڏيکاري سنڌي ادب کي "ڪجهه" ضرور ڏنو آهي. ٻولي وڻندڙ ۽ روانيءَ واري ڪم آندي اٿس. اسين سندس وڌيڪ سهڻين رچنائن جو انتظار ڪنداسين.

لتا، ڪاليج اڌ ۾ ڇڏي اٿي جو سندس منڱڻيءَ سميءَ جو اوچتو ديهانت ٿيو. هن گمڀير ۽ شانت سڀاو واري نيڪگريءَ پنهنجي مشغول ۽ سماج سيوڪ پيءُ جي ڌيءُ ٻڌجي ٿي. مگر ماءُ ٻڌجي سنڀال ڪئي. مان اکين سان اهو ڏسندو رهيس. ننڍيءَ ڀيڻ ۽ ننڍي ڀاءُ کي لکا وجهڻ نه ڏنائين ته هن جي موهه - ممتي ماءُ کين اڪيلو ڇڏي ويئي آهي. هن نئين ليکڪا جي اندر ۾ ڪو رچناڪار پڻ ويٺو هو - جنهن ڪجهه ٻولڻ چاهيو ٿي. هوءَ هڪ لڳا ننڍڙيون ڪويتائون ڏيئي ويئي. مون کي لڳو ته هيءَ ڪجهه لکي سگهي ٿي ۽ پڙهڻ جو شوق

چاهين جو پنهنجي هرهڪ غزل جو هرهڪ بند پنهنجي اُستاد
کان درست ڪرائي پوءِ ڇپائيندو آهي. ٻاهرئين ٻڌي ته هو
خوش ٿيو ٿيندو آهي پر دل سندائين ائين پئي چوندي اٿس
ته پاڻ ته فقط هڪ مزور وانگر ٽڪر ٽاڪي ننڍا وڏا پٿرن جا
ٽڪرا گڏ ڪري ٿو اچي، باقي انهن پٿرن کي گهڙي ٺاهي
مورتيون ڪرڻ ۽ انهن ۾ جان وجهڻ وارو سنگتراش ته سندس
اُستاد ئي چئبو. مست تڏهن واجب سمجهيو ته جيڪي حال
حبيبان سوئي پيش پوين.

ڪوتائن ۾ خيال جي خوبي ۽ جاچنا شڪتيءَ جو
زور برابر پهريان شرط آهن؛ پر الڪارن جو استعمال،
ترنم، جماليات، لفظن جو اختصار، بندش جي چستي؛
احساس جي تکاڻ ۽ جذبن جي بغاوت سان گڏ معنيٰ،
آفريني ۽ فني سوجهه ٻوجهه ۽ ماڻيل مشاهدن کي اظهارڻ
جي قوتن جي پڻ درڪار آهي.

— ارجن سڪايل

ٽارين جهليا ٻُور

مهاڪوي ليکراج عزيز جو هڪڙو شعر هيو:

"دل جو آئينو هُوَ چُور چُور نه ڪري
دل جا آهيس خود نمائيءَ جي!"

ان شعر جي معنيٰ هرڪو ڀارڪو يا آلوچڪ ڪري ڪونه سگهندو.

ڪيترن مولائيءَ جي ڪتاب "ٽارين جهليا ٻور" ٽپال ۾ مليم ته ان ئي رات جو ڪولي پڙهيم. پهرئين صفحي تي پهرئين غزل جو هڪ هيءُ شعر پڙهڻ لاءِ مليو.

"دل جي شيشي جا ٿيا ٽڪر جيڏا
اوترا روپ ٿي رهيا آهيون."

معنيٰ آفرينيءَ جو مزو ماڻيو، ڪيس دل جو دل ۾ آفرين ڏنم. البت ائين به چيم ته جيڪر هيئن لکي ها ته فن تي به پورو بيهي ها: ٽڪر جيڏا ٿيندا روپ به اوڏا ٿيندا، نه ڪ اوترا ٿيندا - يا ته لکڻ کپي ٽڪر جيترا ٿيندا روپ به اوترا ٿيندا - جيترا ۽ اوترا "انداز" جي معنيٰ ڇڏائيندا ۽ جيڏا ۽ اوڏا قد جو عڪس پسائيندا - خير - اڳتي پڙهندو ويس ۽ سمدس پهرئين ڪتاب ۾ ئي خيالن جي خوبي ۽ ٻوليءَ تي پختي پڪڙ ڏسي مٿس پيار اچي ويو.

"ماڪ کي لڙڪ ٿي مٿان سمجهو
رات وهندي وئي آ صبح هتان."

ٽيچول شاعريءَ ۾ هيءُ نمونا تعريف جي قابل آهن...
۽ اهڙا شعر جام آهن.

منجهس ٻهرڻ جاڳڻ ڪئي. سندري ۽ مالهيءَ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا مانس. منهنجا پڻ ٽي ناول ته اڳيئي پڙهيا هئائين. سندس ڪهاڻين جو هيءُ مجموعو سندس قلمي قوتن جي ڪجهه جهلڪ پسائي ٿو.

منهنجو دعائون ۽ ان کان وڌيڪ سندس اڀياس ڪٿي ڪو سهڻو آستان ڪيس ڏين ٿا - سو اڃا ڏسڻو آهي.

اُلجهنون پيار جون

لتا ٺهلياڻيءَ جو پهريون ڪتاب ڪهاڻين جو هئو: "زندگيءَ جو آئينو". هيءُ ڪتاب "اُلجهنون پيار جون" سندس شاعراڻي شمع جي لاٽ آهي. ڪٿي جهڪي ته ڪٿي تيز. سندس شعور ۽ جذبن جي صداقت تي مونکي گهڻو فخر آهي.

سندس قلم جي قوت وڌندي رهندي ۽ سندس ٻولي به ٻلوان ٿيندي ويندي، اهڙي آس رکڻ اجائي نه آهي، پر هيڪاري اهڙا اهڃاڻ پڪتا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

"چنڊ وارن سان پڻ ٽٽجي نه ڪڏهين پيار جو ناتو
ٽٽائڻ کان گهڻو بهتر نڀائڻ ۾ مزو آهي."

هن ڪتاب ۾ پنجڪڙا، تصويرون (هائڪو) گيت نظم ۽ وايون به ڏنل آهن. شايد اهو موهه سڀاويڪ رهندو آهي ته آيل مهمان گهر جا سڀ ڪمرا ڏسي وٺي، جو هو هن نئين گهر ۾ پهريون دفعو پڌاريو آهي. مونکي هن جون نيون ڪوتائون به وڻيون. مثال طور:

"اڳي پهرئين نمبر واري جو مان هو – هاڻي – ٻئي نمبر واري جي عزت آهي – ۽ اهڙيءَ ريت – اسان جي ترقي ٿي آهي – ٻيڻي !!"

ڪو خار جيت کان ڪٽجي، داخليت جو پلاند پڪڙي يا اسٿول کان سوڪيم ڏانهن رجوع ٿئي ۽ انفراديت ۾ ٿي پنهنجي پورڻتا پائي ته ان کي قبولي سگهجي ٿو پر جيڪي شاعر چون ٿا ته ڇند جا بند ۽ قافين جا قيد ٽٽي ويا آهن سي ڪو سچو سچ ڪونه ٿا ٻولين وچارڪن ۽ فيلسوفيءَ جي شاگرد شاعرن کي ڇڏي ڏيو ته باقي سڀ شاعر شريڪانت صدف سوڌا غزل، نظم، رباعي، بيت دوها ۽ سورٺا لکي رهيا آهن ۽ شايد اهي ئي شاعر لوڪ ادب جا اڏيندڙ ٿي رهندا جو هڪ زبان به ڪن پڪڙي ئي تڏهن سگهندي جڏهن ڪو به ٻول سنگيتميه هوندو...... باقي فيشن ته فيشن ئي رهجي ويندو.

"روپ تنهنجي جو چنڊ ڏوڪايو
چنڊ کي تڏهن پنهنجي سڄڻ چاهيو."

گهڻن ئي شاعرن ماڻهن جي بدليل چهرن ۽ چهرن تي لڳايل نقابن ۽ وڃايل چهرن جون ڳالهيون ڪيون آهن ۽ انهن شعرن مان مون ڪٺو ٽيل آهي پر، ڪيمن وٽ ان ڳالهه ڪرڻ جو پنهنجو ڍنگ آهي. اهو ڍنگ ان ڪري به اڇوتو، اثرائتو ۽ برجستو آهي جو دنيا جي چهرن کي ڇڏي پنهنجي ئي چهري جي ڳالهه ڪيل آهي:

"ڏسندي پنهنجو ئي عڪس پاڻيءَ ۾
زندگي اوچتو ڊني هوندي."

سچ به اهو آهي ته انسان پاڻ خوفناڪ بڻجندو ٿو وڃي ۽ جيسين پاڻيءَ ۾ پنهنجو عڪس ڏسي، پاڻ کي راڪاس جي روپ ۾ پائي، تيسين هن لاءِ بيو سڄو جهان ئي راڪاس جو روپ آهي.

غزل جون تقاضائون آهن ته منجهس لطافت هجي اختصار هجي ۽ گهرائي هجي. سلاست شيريني ۽ روانيءَ جي درڪار نظم ۾ ٿيڻ گهرجي. البت رباعيءَ واري گهرائي ۽ غزل جي گهرائيءَ ۾ فرق ته رهندو ئي.

غزل جي گهرائي حسن عشق ۽ زماني تائين محدود رهندي پر رباعيءَ ۾ فلسفانا ويچار ۽ بي انت جي انت لهڻ جون ڳالهيون ٿينديون.

ڪي بيا سهڻا شعر ڏسو:

"جوڙ ڪٽ ونڊ ضرب جي دنيا
پيو اٿو انسان الجهي انگن سان."

"وڇوڙي جو صدمو سهي ڪونه سگهندس
پيو دل جو دورو وڃي ڪٽ تي پوندس"
"جوڳي! مونکي مجبور محبت ڪيو آهه"
"آهن اکڙيون ڏسڻ لاءِ تڏهن توڏي نهاريو آ
توکي تڪليف تي کهڙي، وڻي ٻارڻ تو ٻاريو آ"
"آهيان پنهنجن ڪان مان پنهنجو اندر جي آتما ڪان پڇ،
تون ڪلندي تي رهين جوڳي مون نيڻين نير هاريو آهه."

اندرا گانڌي

"شخصيت ڏسي تنهنجي ريگن هئو جلندو
همت ڏسي تنهنجي ضيا حق هو وقلندو
قرباني تنهنجي ماتا ڪندا ياد ٻيا ٻار"

سنڌ جي حق ۾

"سنڌي هجي سنڌ جو رهندڙ هجي هند جو
نعرو جيئي سنڌ جو اسين بلند ڪنداسين."

لوڪشاهي جو ملهه

"نالي ۾ پرجاتنتر ووٽنگ ٻڻي بهانو
جيءُ چوي تو چونه لڪان چورن جي کاٽي"

ننهن سان ناحق

"هر روز هئي ڪٽ پٽ ڪيستائين سهندي ابلا
گاسليٽ وجهندي ٻت تي ساڙيندي پاڻ ڪملا
سرڪار ساهرن کي ڏيندي مگر ضمانت!"

اڪل منصوبو

متان راڄنيتيءَ ۾ ٻه وڇون ڪا ترقي ڪري
ان لاءِ رکيائون سنڌين کي هڪ ٻئي کان پري"

پياءُ ريلومل جي مشاهدي ماڻڻ جون قوتون بيشڪ جاندار آهن جنهن ڪري شاندار اظهار ڪري سگهيو آهي. سچ کي

گلابي گل

فن ۽ فڪر جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ ڪنداسين ته ڪجهه مٿ (ٽامي جو ذرو) مليل نظر ايندو، پر ڀاءُ ريلومل جو هيءُ جوڙيل زيور سون جو آهي جنهن ۾ ڪنهن جوهريءَ يا پارکوءَ کي ڪو شڪ هئڻ نه گهرجي.

هن بزرگ ليکڪ سان شروعاتي ڄاڻ سڃاڻ ويهارو سال اڳ ٿي هئي. جڏهن مان ”سنڌو سماچار“ جي مکيه ڪارپردازن ۾ هئس ۽ هيءُ صاحب انڪ ڪالمسٽ بڻجي ”دنيا رنگ رنگيلي“ ڪالم کي سينگاريندو رهندو هو.

شري ريلومل چوڏري وري ڏهاڪو سالن جي خاموشيءَ بعد اچي پرگهٽ ٿيو آهي پر مال هو ڪٿو ڪندو ٿي رهيو، يعني قلم جي گهوڙي کي جدا جدا ميدانن تي گهمائيندو ٿي رهيو. ڪي خاڪا، ڪي مضمون، ڪي ڪهاڻيون، ڪي آزمودا ۽ ڪي نقطا - هن هڪڙي سال ۾ هيءُ سندس ٻيون مجموعو آهي جنهن ۾ سندس نظم وارو حصو ڏنل آهي. ان ۾ سنڌيءَ سان گڏ ڪجهه هندي ۽ اُردو رچنائون به گڏ ڏنيون اٿس - خير - اٽي ۾ لوڻ مثل انهن رچنائن ڦلڪي کي چهراڻ بخشي آهي. شڪر جو اٽو ٿي لوڻ ڪري ڪونه ڇڏيو اٿس.

پيار جون يادون

”جواني چار ڏينهن چڱو حسن پڻ ٿي ٿيا آهي
ڀروسو ناهه هڪ پل جو زندگي بي وفا آهي
رکان اُميد ڪا جوڳي ڪڏهن آءُ ليائيندان؟“

جو سيڪنڊ ماستر آهي جو چاهي ته ٽيوشن مان ئي پنج هزار رپيا ماهوار ڪمائي سگهي ٿو، ان ايڏي پڪائي ڇو ڪئي آهي؟

هڪڙو مان ۽ ٻيا ٻه ٽي چار جڻا ٽي سگهن ٿا نه ته ٻين سيدي هن ڪتاب تي نور نچوئڻ جي بدران ڪتاب ڪٻٽ ۾ رکي ڇڏيو هوندائون. مونکي ان تي ئي گهڻو افسوس آهي.

خوشي ڇاجي؟

خوشي اها آتم جو هن شخص پنهنجو اندر ڪولي أســان اڳيان رکيو آهي. ٻي لحاظ ۽ بي باڪ بڻجي. سچل کـان پوءِ ماستر چندر کـي مان عشق جو اوتـار سمجهندو آيو آهيان. هاڻي هن لاءِ ٻه ڪو اهڙو پيارو لفظ ڳولهڻو پوندو.

پهرئين صفحي تي لکي ٿو:

"مون ڪئين دفعا پنهنجي محبوب جـا پير آنسن سان ڌوتا، چمن سان چميا ۽ جيڀ سان چٽيا آهن."

ورهه ويدنا، محبت ۽ صحبت کـان پوءِ ولاس ۽ واسنا جي هيءَ تصوير!

"هڪ وقت اهڙو ٻه ايندو، جڏهن عشق مونـکي خاڪ ته بڻائي ڇڏيندو پر تنهن جنم ڏيئي نه سگهندو."

"۽ منزل؟ ڌنڌ، ڪوهيڙو، اڻ ڇتائي - نيتي! نيتي!!
ٿي وئي شام، لڳهي ويو ڏينهن. هـرڪو پنهنجي گهر ويندو ۽ هوءَ ٻه پنهنجي گهر ويندي. تو وٽ ڪوئي اچڻو ناهي. هن جا ٿيا سڀ مطلب پورا - ۽ پورا ٿيا تو وٽ ڦيرا - هاڻي تـو وٽ رکيو ئي ڇاهي؟ تو وٽ ڪوئي اچڻو ناهي!"

هيءَ عاشق جي پڇاڙي آهي؟ هيءَ شاعر جـي پڇاڙي آهي؟ هيءَ منش ماتر جي پڇاڙي آهي؟ هـيءُ ٻڍاپو آهي؟ هيءُ موت آهي؟ هيءَ پرلئه آهي؟ هيءُ ٻي انت سفر جو انت

محسوس ڪري، ان کي پڌري پٽ تي ٻاڪيءَ سان پيش ڪرڻ ۾ لڳي ٿو ته هن وقت ڪا لِلِي ڇپي ڪانهي ۽ نڪو ڪنهن سان ڪي سمجهوتا ڪري ڪي ڳُڻا حاصل ڪرڻا اٿس.

سنڌ جي سار ۽ اڳوڻن آزمودن جا به وٽس ڀنڊار آهن. اسڪولي ٻار هوندي مائٽن جون ماروُن ڪائڻ، ٻيون ۽ سگهرين لاءِ ڏر ڏيڻ جو ڏڪا ڪائڻ، ڀيڻين جي وچ ڪنهن گنهگار جو ڏاڙهي مڻو ڪوڙائڻ جهڙا نظارا جاندار ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪيا اٿس.

سرڪار کي سچ چوڻ، سنڌي جاتيءَ جي مانسڪ پيڙا کي پڌرو ڪرڻ ۽ ڏوهارين کي ڏوراپا ڏيڻ سان ٻڌهجي جاچنا شڪتي ۽ اظهارڻ جي شڪتيءَ جو مظاهرو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

هيءُ صاحب سچ جو پارکو آهي، سچ جو اُپاسڪ آهي ۽ سچ جو اُپديشڪ آهي. فنڪار صفحي صفحي ۾ سنڌ ۾ ڪپايون ڳولهيندا پر مان هن جي مشاهدي جي قوت ۽ قوتِ بيان جو قدر ٿو ڪريان. الله ڪري زور قلم اور زياده!

گيت

منوهر ٻيدي عاجز جي هن ڪتاب ۾ ٩٢ صفحا آهن ۽ انهن صفحن ۾ سٽون آهن ٠٠٣ ٽي هزار پنج سؤ. جيڪڏهن ڪوشش راهيءَ جي "ڪماچ" وانگر هڪ صفحي ۾ ٢ سٽون ڏني ها يا گهٽ ۾ گهٽ لڪ ٿهلياڻيءَ جي پوئواري ڪري هڪ صفحي ۾ چار سٽون ڏني ها ته هيءُ ڪتاب ٩٢ جي بدران ٨٥٠ صفحن جو ٿئي ها. سنڌ ۾ سنڌي اسڪولن جا ماستر نهايت پڪا هوندا هئا جو ڪاڏيه جي ٿوڻيءَ جي ڪناري کي لڳل تيل به فقط ڏياريءَ ڏينهن لاهيندا هئا جيئن صابڻ جي بچت ٿئي يا هڪ بليڊ سان چار سال ڏاڙهي لاهي سگهندا هئا. منوهر ٻيدي عاجز به ماستر ته آهي پر ڪنهن هاءِ اسڪول

ڪيرت ٻاٻاڻي پرچو - ڪُونج

ڪُونج مخزن واري هري موٽواڻي هڪ طرف "ڪُونج" کي ٣٢ سال هلائي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي رکوالن طور وڏي عزت حاصل ڪئي آهي ته ٻئي طرف سٺي ۾ سٺا ڪتاب شايع پئي ڪيا اٿس جو گهڻي ۾ گهڻا ساهت اڪادميءَ جا انعام هن جي ڇپايل ڪتابن کي ئي مليا آهن. ٽئين طرف سنڌ مان ايندڙ مهمانن لاءِ هن جو ئي دسترخوان سوادي به رهيو آهي ته ريشمي به رهيو آهي. چوٿين طرف سنڌي ادب جي مهارٿين جا شخصيات پرچا لکڻ جو شرف به هن کي ئي حاصل آهي- سندس تازي ڪاوش آهي "ڪيرت ٻاٻاڻي پرچو" جنهن ۾ مخزن سائيز جا ١١٥ صفحا آهن. ڪيس ان لاءِ بي شمار مبارڪون هجن.

ڪيرت ٻاٻاڻي ترقي پسند تموريءَ مان هڪڙي مورتي آهي جنهن کي گهڻي ۾ گهڻو پيار مليو آهي ۽ نڪته چيني به گهڻي ۾ گهڻي متس ٿيندي آهي. گو بعد مالهي ٺهڻ جڙڻ ۾ هڪدم سولو آهي جو هن مارڪسوادي ۽ صوفيءَ جي نظر ۾ هاڻي ايل. ڪي. آڏواڻي به آدرشي ۽ پياري شخصيت طور تسليم ڪري سگهجيٿو. آتم صاحب جا اصول پڪا ۽ مڃتائون اٽل پر مايا پرست سنڌي سماج سان مجموعي طور لڳ ٿهڪندڙ- ڪيرت انهن ٻنهي جي مٺڙ ميلاپ جو هڪ نمونو به آهي ته سنڌي سماج ۽ پارٽي سياست جو نبض شناس حڪيم به آهي. اصول هن جا به اٽل آهن پر اهي سنڌي جاتيءَ جي نجي وراثت جي ترجماني ڪيئن ڪن سو ڄاڻڻ هن شخص ۾ سيڻي کان جهجهو آهي- ان ڪري ناري گرسهاڻي يا آچاريه ڀڳوانديو سان ڳڏ ڪنهن سنڌي نيتا جو ٻيون نالو کڻي سگهجي ته بي-

آهي؟ نه - هيءَ شاعر عاشق عاجز بيديءَ جي جذبن جي تصوير آهي - ولاسي من جو آخرين عڪس آهي.

"آڪ نه سهڻي،
اڄ به مونکي سيڪجهه ڏين ٿي،
سيڪجهه يعني سيڪجهه ڏين ٿي!

واهه مدوهر واهه! تنهنجي انداز- بيان مان غالب جهڙو پيارو انداز- بيان ملي ويو: سيڪجهه يعني سيڪجهه ڏين ٿي!!

"مان روايت جو مڪر - ڪيئن سهي سگهندس اهو - منهنجي محبوبا مونکي پوڄي زماني ڪان لڪي؟ بعد ڪهڙا ٿورڙ - پيا دل تان وساري ڇڏ مونکي."

"ڪيئن نه لڳي ٿي پنهنجي چاهي
اڄ تائين هوءَ ڌاري آ."

پندرهن اڏيائن جي هن ڪتاب ۾ انترا ڳمي (انترودرشن) کان پوءِ پريم، ميلاپ، وڇوڙي ۽ درد کان سواءِ لوڪ ڪٿائن جي نائڪائن مارئي سسئي مومل ۽ ليلا کي پنهنجي نئين طرز- بيان سان سينگاريو ويو آهي ۽ وري محبوبا جي ياد کي ۽ جوين کان سهاڳ رات تائين سفرنامو ڏنل آهي - انسان جو وڪامجڻ، دادائن جو راڄ ڏٺي تيئڻ، زماني جي ڪج ادائيءَ تي تکي طنز ۽ ديش پريم جا الڳ الڳ باب آهن - لوليون لاڏا، قواليون، ڇيڙڇاڙ، ڇيڄ جمالو، دوگانا، فلمي طرزون ۽ ڪدور جهڙين امر آتمائن کي به ياد ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جي وڏي اهميت آهي پر ڪنجوس ڪاڪي ماستر مدوهر بيدي عاجز پنهنجي قيمتي مال کي هڪ ريشمي رومال جي بدران هڪ سادي سوٽي رومال ۾ ٻڌي اسانجي اڳيان اها هڙ اڇي رکي آهي، جيڪا ڪير کوليندو ئي ڪونه پر ڪو خوشنصيب مون وانگر کوليندو ته من ۾ تن واسجي ويندس.

هو. ڌرتيءَ تي ٻانبڙا پائي، پير ڪڍيل ۽ ڪٿي ٻوڙون ٻه پاتل هيون. پڙهندڙن ڪن ڪمزورين کي ڪٽي ٻه هڪ ساڌڪ جي ساڌنا، هڪ ليکڪ جي لگن ۽ هڪ ڪلاڪار جي ڪامياب ڪلڪاري هئي. "همراز" جون هيءُ ڪهاڻيون هڪ وڌيڪ پختو قدم آهن. هنن ڪهاڻين ۾ نياپو آهي ته "خوشيون فقط وٺڻ لاءِ نه پر ڏيڻ لاءِ به آهن. انسان فولاد ناهي جو گرم هئڻ تي مڙندو آهي. انسان ته ٿڌو ۽ شانت هوندو آهي ۽ سمجهدار هوندو آهي ته مڙي سگهندو آهي ۽ استيه کي ڇڏي ستيه جو طرفدار ٿي سگهندو آهي. هيءَ زندگي فرض (ڌرم) مايا سنگرهه (ارٿ) اُمنگ جذبات ۽ پريم (ڪام) جي راهن تي هلڻ سان لُٽي مڪتيءَ (موڪش) جو ڪارڻ ٿيندي آهي ۽ هڪ نديءَ وانگر، اَٿڪ سفر بعد، ساگر ۾ سمائجي ويندي آهي. هن ليکڪ نند هندوجا اهڙيون ئي واتون گهڙيون آهن، جي اڳيم ڇپيل سولن ڪهاڻين ۾ ٻه ملي سگهن ٿيون "پر پوءِ به هن ليکڪ جي پڙهندڙن نجي انيوَ ۽ انداز - بيان سبب پياريون لڳن ٿيون هيءُ ڪهاڻيون."

رتا پنبوُن راهون

شاعر هوتو سندو پياسيءَ جي طبع خوانيءَ جو هيءُ پهرون مجموعو آهي. سنه ١٩٦٨ ۽ ١٩٦٩ ۾ "پياسا گيت ۽ نشيلي سوهاڻ" منظر - عوام تي آيا هئا ۽ وري ١٥ سالن بعد "مهڪ مٽيءَ جي" ۽ "جرڪي وائي وطن جي" پڻ مليا هئا. هيءُ سندس نئون مجموعو آهي جنهن ۾ چار پيارا موضوع صداقت سان ۽ شدت سان ڪلڪاريءَ هيٺ آندا اٿس (١) وطن پرستي (٢) حق پرستي (٣) سنڌيت جي سگهه

تڙڪ هڻ جو نالو ڪٿي سگهجي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ مان ائين ڪري سگهان ٿو. هن پرچي ۾ سنڌي ۾ سٺا ٻه ليکڪ آهن ڪيرت جي ٻنهي نوجوان پڻن جا. ڪيرت جو جيڪو روپ اڄ دنيا کان لڪل هو سو انهن محبوب ٻارن اسان کي ڏيکاريو آهي. ستنترتا سنگرام جي هن سپاهيءَ کي سڪاپل ته سنڌ کان ئي سڃاڻندو هو. وشنو ڀاٽيا جي ملاقات ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ جو ليکڪ هن پرچي جو نڪ آهن. مالهي - ڪنپدا - اياز - پوپٽي - حاسد - شاد - سڪاپل - ڪومل - ڪنواڻي - موهن گيهاڻي - سلامت پرسواڻي ۽ ريٽا شهاڻيءَ جهڙن قلمڪارن جو هڪ هڪ لفظ پڙهڻ وٽان آهي پر ڪيرت جي خود ڪلامي ته پڙهي ڏسو. سندس نيون ڪوتائون پڙهي امين ٻڌجي پيو ته هيءُ وڏي درجي جو اعليٰ ڪوي ٻه آهي.

همراز

ڪهاڻي آهي اها، مدهجي نظر ۾، جا ڪهاڻي هجي... ۽ ... هيءُ "همراز" جون ڪهاڻيون واقعي ئي ڪهاڻيون آهن. سماجڪ مقصد، ڦهڪيل رٽا، ٻوليءَ جو منڌس ۽ لوڪن جي ڪلياڻ جو پيغام ڪٿي جيڪي ڪهاڻيون اچن، سي لازوال رهن ٿيون ... اهڙيون ڪهاڻيون "همراز" ۾ آهن ... باقي ... پرچار جي مراد پوري ڪرڻ لاءِ يا فيلسوفيءَ جي ٻڌڻ لاءِ يا ڪن پستڪن جي ڪيل اڀياس ۽ پڙهيل پڻن جا حوالا سڻائڻ ۽ ودوتا ڏيکارڻ لاءِ جيڪي لکيو وڃي ٿو، اهو ڪهاڻي سڏجندي به ڪهاڻي نه آهي. انهن لاءِ مضمون جي ڪيتر ۾ گهوڙا ٻ وڙائجن ته بهتر ٿيندو.

نند هندوجا جي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب ئي موکي گهڻو پسند پيو هو "پرواز" — حالانڪ، پرواز ۾ گهڻو پرواز ڪونه

اڌ کليون اکيون

وينا شوانگيءَ جي هن پستڪ ۾ ۹ ڪهاڻيون آهن ۽ ڪجهه صفحن ۾ سندس واقفيت جو سلسلو آهي جنهن ۾ سنڌ جي ”عبرت“ مخزن جا ٻه مضمون (۱۵-۱-۱۹۸۹ ۽ ۱۴-۱-۹۰) ٻه آهن ته مشهور شاعر شمس الحيدري ۽ سندس ساٿين جي وينا کان ورتل ملاقات ٻه آهي ته ”ساجاه“ طوفان ورتل ملاقات ٻه آهي اهي جملي ۵۰ صفحن تي مشتمل آهن ۽ ۸۰ صفحن ۾ ۹ ڪهاڻيون ڏنل آهن ملاقاتن ۽ مضمونن مان سندس تصوير ڪجهه هن طرح ٺهي بيٺي آهي : هيءَ لياڻي ۱۹۴۷ جي لڏپلاڻ واري زلزلي بعد ٻه ۲۵ سال سنڌ جي شهدادڪوٽ ۾ رهي پيئي هئي ۽ پوءِ دهليءَ ۾ لڏي آئي هن گرئجوئيشن ڪئي هئي ۽ اڄ مرڪزي آڪاشوائيءَ جي ايڪسٽرنل سنڌي سروس جي هرتا ڪرتا آهي هن جا پنج ڪتاب ڇپيا آهن جن مان هڪڙي پنهنجي پيشي جا گل وخار بيان ڪيا اٿس. ٻه مجموعا ڪهاڻين جا ۽ هڪ سندس ”سنڌ جو سفرنامو“ آهي، جو سوز و گداز سان ڀرپور آهي. هن جا پسنديده ڪلاڪار ڀڳت ڪنور رام ماسٽر چندر ڀڳونتي الواڻي زرينا بلوچ ۽ محمد جمن آهن. سنڌ ۾ ادب جي وڏي ترقي ٿي آهي ۽ هند ۾ سرڪار جي سهڪار ۽ مدد جي باوجود سنڌي ادب ۽ اديب گروهه بندين سبب مشڪلاتن سان دوچار ٿي رهيا آهن ۽ وياجي سنڌي ٻولي اهڃو ۽ قومي بيان هند جي سنڌي ليکڪن کان وڌيڪ سنڌ جي ليکڪن سان وڌيڪ جڙيل ٿو لڳي. هوءَ مارئي سڀيتا جي روح روان آهي جنهن شاهه لطيف تي ٻه بين الاقوامي ڪانفرنسون ڪاميابيءَ سان منعقد ڪري ڏيکاريون آهن. سنڌڙيءَ جي

(٤) امن جي صدا.

ڪجهه مثال ڏيڻ بي جاءِ نه ٿيندو.

جنگ تي لعنت ۽ امن جي پاسباني

(١) موت جا هٿيار هردم، نت نوان ٺهندا رهن
ڪيپٽائين ڪا حڪومت سي جهليندي روز روز
(٢) تلوار ائٽم بم جي آهي ڏريل هر سو مٿان
موت ماٽيندو مشاهدو ٿيو ڪليءَ بازار ۾
(٣) تون پلي هٿيار وڪڻي ڌن ڪماءِ
سرسبز دنيا کي ٿيو بيشڪ جلاءِ
(٤) سامراجي شهنشاهه اي آمريڪا!
آهه لڳندءِ نيٺ ڪا سنسار جي.

سنڌيت جي سڳنڌ

(١) اي خدا تون سنڌواسين جو سدا رکپال ٿي
ڏين جو ۽ ڌرم جو هن ۾ نه ناهي ڪو نشان
(٢) هتي ٿيو ڪين ڪو پيدا ڪڏهن نادر يا قاسم هو
(٣) سنڌو پيدا ڪيا هرگز نه ڪي چنگيز جيان ويري
(٤) سنڌو شاعر ڪيا پيدا سچل ۽ شاهه ۽ سامي
جٽي اياز ٻارن کي جٽي ٿي شيام ٻارن کي.

حق پرستيءَ جو نعرو

(١) مون پيار سخاوت سان ونڊيو آهي جهان ۾
هرڪنهن کي وفائيءَ سان اسان خوب ڏياريو

آد اصل جي هڪ ڳالهه

(١) تصور ۾ سدا تنهنجي رهي موهني مورت
هر خواب اسان تنهنجي ادائن سان سنواريو

هن دوست جو ڪلام گهڻي قدر عيبن کان خالي ۽ پياريءَ زبان وارو آهي.

خوبصورت نڀايو!! هي ڪهاڻي "دردي داستان" جا ڪي
جملا هنئين سان هنڊائڻ جهڙا آهن: "جنهن زندگيءَ جي خوش
گوار راهه، ڪي واريءَ جا ڍير ڍانئي بيهن هي سڙڻ کان خوفزده
ٿيندو هجن. انهيءَ تصور وارو اهو ٻرندڙ صحرا اڄ جنهن
ماضيءَ جو ڪفن اوڍي دفن ٿي چڪو آهي تنهن......" هيءَ
پرش جي ترڪ ۽ دليل کي عورت جي شرڌا ۽ وشواس جي
ذريعي چئلينج جي ڪهاڻي به خوب آهي. ٽين ڪهاڻي به اثردار
آهي ٽين ڪهاڻيءَ ۾ هيرو اُن پنهنجي هيرو کي سبق ٿي ڏئي
ته ماءُ جي ممتا کي قربان ڪري ملڪ لاءِ مري رهيو آهين ته
مان توکي ان هڪڙي سبب جي ڪري ٿي رجيڪٽ ٿي
ڪريان. هيءَ ڪهاڻي مادرازم جي حقيقت کي ٽڪ
ٿي هڻي. "اٽ از ٽو ليٽ" ۾ به الڳ قومن جا فرد پيار ۾
پاڳل ٿي شادي ته ڪن ٿا پر اولاد پيدا نٿا ڪن ڇاڪاڻ ته
سندن ضد آهي ته هو ڪهڙي ٻولي اپنائيندا؟ ماءُ جي يا
پيءُ جي؟ ٻچڙيءَ جو نانڪاماريا ضد ڇڏي ٿي ڏئي پر جاويد
جو جواب آهي "ماريا اٽ از ٽو ليٽ ناؤ." چوٿين ڪهاڻيءَ ۾
هيروئين "شهادت" جي جذبي جو قدر ڪندي ڪنواري ودوا
رهڻ پسند ٿي ڪري پر ٻئي پرش کي قبولڻ لاءِ تيار ڪين
آهي. آدرش ۽ عظمت جي رچ ۾ چوندي ڪمال آهي ۽ جواب
به صحيح ڪمال آهي. باقي مکيه ڪهاڻي "اڪ ڪليون اڪيون"
جيڪا ڪتاب ۾ عنوان طور ڪم آندي وئي آهي، اها
اڙوڙي ڌرتي جي پيار لاءِ تمثيلي ڪهاڻي طور تصويرايل آهي
پر لئين ٽيڪنڪ اپنائڻ ۾ ڪامياب نه وئي آهي پر اڻٽ
ٽوڙي تاڃي پيٽي ۾ سڀهم اٽجي رهجي وئي آهي.

سڪ جو اظهار هن طرح ڪندي آهي: ”ڪي وڃهائي ٿور سپرين - ڪي چڙهن نه چت تي - ڪي وسرن نه مور -“

هن جو سنڌي ادبن ۽ عالمن لاءِ رايو ڪجهه هن طرح آهي :

ايءَ نه مارن ريت جو سيڻ مٽائين سون تي
اڇي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانه ڪريت
پکن جي پريت، ماڙين سان نه مٽيان.

وينا شرنگيءَ ۾ مارئيءَ جي روح اڇي ٽاڻو ٽڪاڻو بڻايو آهي ۽ هيءَ صادق جذبي سان ان روح جي تابعداري مڃي هن جنم کي سڦلو ڪري رهي آهي.

سندس ڪهاڻيون

ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي ڪهاڻي لوڪس سنڌ جي ڪردارن کي چترس ڪن، سا ڳالهه ڪا اتفاقا نظر آئي هوندي پر هن پنهنجون ڪهاڻيون پڙهندي لڳم ته هندستان ۾ هوندي ۽ رهندي اها به سنڌي آهيون ۽ مان به سنڌ ۾ رهيو پيو آهيان ۽ داڻن ميمڻ ۽ ارباب ڪوسي سان گوٺو گوٺ ۾ لائي وٺو آهيان مون لاءِ اها تمام وڏي ڳالهه آهي تنهن ڪري هن ليکڪا کي سچي سنڌڻ سمجهي نياز ۽ سلام پيش ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان. هيءَ ڪهاڻي ”اصول پنهنجا پنهنجا“ جي ڪمزور پهاڙيءَ سبب پيار ڪري ڪونه سگهيس باقي ان ٿي ڪهاڻيون نهايت پياريون آهن. رتا ٽيڪنڪ پيغام ۽ ٻولي، سڀ جو سڀ پياريون چيزون.

ٻهراڻ ڪهاڻي ”پاپ جو گهڙو“ آلم ڪتا يا ٽيءَ ماءُ جي ساڳيڙيلن جي سفر کان شروع ٿي آخر ۾ نهايت سگهاري ٽانوَ چڙهي ٿي وڃي، جڏهن ليکڪا شڪايت ٿي ڪري ته پاپ جو گهڙو پورجي نه پيو پر ليٽ ان ۾ ٽنگ به ڪيو ويو آهي! اجابت

سان مشابهت ڪرڻ ئي غلط آهي. ساهت سماج جو آئينو آهي. هر يگ، يا زمان پنهنجي سماجڪ آرٿڪ راجنيتڪ ڌارمڪ سبب ٻئي يگ کان اڻالو ٿئي ٿو ۽ انهي نرالپ جو ساهت جي شعبي تي اثر تمام سڀاوڪ ٿئي آهي. ساهت جو وصفي وڪاس رهندو آهي. ڪڏهن ته ٻوليءَ جو ادبي اتهاس ان اتهاس ۽ ان ڳالهه جو زنده ثبوت آهي ۽ ها، ڪڏهن ته ڪهاڻي جي ڪمي، ان زماني جي مدنظر ئي ڪرڻ جڳائي.

جڳديش جي هيءَ صاف گوئي ۽ سمجهاڻي مولڪي ڪداچت قبول آهي. مغلن جي دور واري مرزا غالب کي جيڪڏهن آزادي هلچل واري مٿئين شرط گهٽ سان يا آزاديءَ کان پوءِ واري مفاد پرست ۽ منافع خور موقعي پرستيءَ واري دور جي شاعر ساحر لڌيانويءَ سان ڀيٽ ڪبي ۽ ڪڏهن کي گهٽ ته ڪڏهن کي وڌ سمجهبو ته اها بنهه غلط ڳالهه آهي. وچار ۽ وقت جي پچار ته هرڪنهن پنهنجي موقعي سان ڪئي پر ڏسڻ فقط اهو گهرجي ته انهين شاعرن ۾ فني لياقتون، تخليقي شعور ۽ ذهني سچائي هئي يا نه. تنهنڪري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جنهن موهن ڪلپنا ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي دور جو سپهه سالار ڪهاڻي لوپس تي رهيو آهي، تنهن ترقي پسند دور يا رومانوي دور يا نئين ڪهاڻي ۽ اڪهاڻي جي دور، وارن پيو ڪارن لاءِ هڪ ٻئي کي ڪمرائڻ ۽ ڏگهو بندرو ڪونائڻ جي ضرورت آهي ڇا؟ پيڙهه جا پٿر پلي ته سهڻا گهڙيل نه هجن جو اجوڪي نيڪنامي ۽ مشهوري اوٽهن صديءَ ۾ مسر ته هوندي پر انهن پٿرن جي اهميت پوءِ جي ڪمپل ديوارن ۾ ڪم آيل پٿرن کان گهٽ ڪيئن چئبي؟ حقيقت اهي بنيادي پٿر ئي آهن جن عمارت اڏڻ ۾ اوائلي

سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر

پروفيسر جڳديش لعل سنڌي ادب ۾ هڪ آلوچڪ طور مڃيل شخصيت آهي جنهن جي اوائلي دور واري تنقيد تي ڪن مشهور معروف اديبن ۽ شاعرن کي چرڪائي ڇڏيو هو. اڄ ڪلهه هو عاجز بيديءَ سان گڏ "سنڌيت جي ورثي کي دور درشن تان پيش ڪرڻ لاءِ ڪن ڪلاڪارن تي ٽيلي اسڪرپٽون لکڻ ۾ نه فقط مشغول آهي پر گڏجي خوب رنگ جمايو اٿن ۽ ساراهه جي گلن جا هار حاصل ڪيا اٿن.

منهنجي اڳيان سندس تازو شايع ٿيل مضمون ڪتاب آيو آهي جنهن ۾ پهريان ست صفحا ڪهاڻي ڪلا جي ٽيڪنڪ ۽ مختلف وقتن جي تبديلي ۽ وڪاس جو خوبيءَ سان ورڻن ڪيل آهي. ٿوري اهي ديسي ۽ ولايتي ڪتابن ۽ حوالن سبب ادبي کان وڌيڪ تعليمي لڳنديون ۽ کيس هڪ ودوان ۽ تعليمدان ثابت ڪنديون پر سندس اڀياس تان نظر هٽائي سندس ٻولي، عبارت ۽ جملن جي بيهڪ ۽ پيشڪش کي ڏسندي ۽ پرکيندي اهو مڃڻو ٿي پوندو ته هو فقط پروفيسر ۽ ماسٽري ڪو جنيڪ ۽ ادب جو ڊاڪٽر ٺهي رهجي ٿو وڃي پر سچ پچ اعليٰ اديب ثابت ٿو ٿئي، جنهن وٽ ذهني اُڃ ۽ رچنا لمڪ قوتون ٻه جهجهيون آهن.

پوئين اٺ وارا ست صفحا سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر تي ڏنل آهن، جنهن تي خيال آرائي ڪندي هيٺين فرمايو اٿس: هيءَ هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته ڪنهن به هڪ دور جي ڪهاڻين جي ٻئي دور جي ڪهاڻين

ڪم ڏنو آهي:

آلوچڪ جڳديش لالواڻيءَ جي هيءَ محنت ۽ ادبي سوغا
گهڻي قدر جي لائق آهي جو انصاف پسنديءَ وارو نظريو اپنا
سچ جو دامن پڪڙي، اياس جي ڪرتل ۾ پهنجي ويچار
کي ڪاڙهي ڪاڙهي گلاب جي گل جهڙو عرق ڪڍي اُس
جي اڳيان رکيو اٿس ۽ سنڌي ادب جي شاهراهه تي اوان ق
کڻڻ واري نسا کهاڻي ڪلا ۾ نئين پائڻ واري اياسيءَ
شمعدان مهيا ڪيو اٿس.

اوان و ڍلان، نيون نشنيهون، لوان اُمنگ ۽ نيون
تصويرون چٽڻ سان شاعريءَ ۾ جدت ۽ شدت
ايندي پر ڪن مڃيل ۽ قبوليل آدرشن جي محور
کي ڇڏي پهنجي ضمير سان دوکو ڪرڻ فقط
فيشن پرستي ٿيندي.

— ارجن سڪايل

C-S 149

اسين

اسين سڀ سنڌيت سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهت جي حق ۾ هت ڀڌي دعائون ٿا گهرون ته شل سنڌين جي دلين ۾ ان شمع جي لاٽ سدائين روشن رهي!

١. ناري گرسهاڻي	ٻمبئي
٢. رام ٿولاڻي	"
٣. نازڪ روپاڻي	"
٤. رام جواهراڻي	"
٥. سلامت پرسواڻي	سنڌونگر
٦. گوپ ٻهراڻي	"
٧. ڏوتندداس کوبچنداڻي	"
٨. گرمک کوبچنداڻي	"
٩. گرڌر ملاڻي	"
١٠. گرڌرلعل سيولاڻي	"
١١. لعل پنجواڻي	"
١٢. هيرانند گوبندرام لنب	"
١٣. پرشوتم پاڏيا	"
١٤. اُڌو ميراڻي	"
١٥. لڇمڻ دسيجا	"
١٦. رميش ماکيجا	"